More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ هي طويل ڪم عقلي ختم ڪئي ويندي (١) جڏهين [ڏاهر کي] توهان جي هٿائي ۽ ڪم عقليءَ جي خبر پوندي تہ هو هٿيلو ٿيندو، ۽ [ٻئي طرف] ماڻهن کي معلوم ٿيندو تہ تون صاح جي ڪوشش ڪري رهيو آهين، جنهن کي هو تنهنجي سُستي ۽ قصور تصور ڪندا، ۽ ڪوبہ مطلب حاصل [١٥١] نہ ٿيندو. توکي حڪومت ۽ سياست جو طريقو هٿان چڏڻ نہ گهرجي، ۽ قرار ۽ عقل (ٻنهي) کي ڏيان ۾ ڏرڻ گهرجي. توکي پڪو ارادو ڪري، لشکر کي بهادري ۽ دوراندیشيءَ لاءِ همتائڻ گهرجي. راستگو ۽ عقل جو قوي رهج، غفلت نہ ڪج، ۽ خدا تعالیٰ جي ذکر ۾ دل، جان ۽ زبان حاضر رکج.

---

(١)- هتي اصل متن جي عبارت ۾ ڏاڍو خلل آهي، ترجمو اڪل تي ڪيو ويو آهي. اسان جي خيال ۾ هي حجاج جي طرفان محمد بن قاسم کي ڏڻڪو آهي، تہ جيڪڏهن تون بنهنجي رحمدليءَ ۽ هرهڪ کي امان ڏيڻ واريءَ روش کان، جنهن کي حجاج بيوقوفي ۽ ڪم عقلي سمجهي ٿو، باز نہ ايندين تہ اسان لڙائي جاري رکڻ لاءِ کو ٻيو رستو اختيار ڪنداسون ۽ توکي موقوف ڪري، هيءَ ڪم عقلي همٿه لاءِ ختم ڪري چڏيندا سين. متن جي اصلي عبارت هن طرح آهي (و نيز اگر امان بي گمان خواهند و عذر از ميان بردارند از حرب، در اخراجات را وجوهي رائج گردد و اين بدريء مطول کوتاه شود). اسان جي خيال ۾ "بدريء" جو لفظ کاتب جي تصحيف آهي. هي لفظ اصل "بدرائي" (بيوقوفي ڪم عقلي) آهي، جاکان تہ بدريء لفظ جي فارسي لغت ۾ کا معنيٰ کانهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هينئر جڏهين (اسان کي) مهراڻ جي وهڪري کان واقفيت حاصل ٿي آهي، تڏهين (اسان جي صلاح آهي) ته، ٻيٽ کان ٽپڻ گهرجي، ڇاڪاڻ ته مهراڻ جو پاڻي انتي سوڙهو ۽ ڪنارو ٻڌ ٽپڻ لاءِ وڌيڪ آسان آهي؛ (ٻيو ته) جنهن صورت ۾ ٻيٽ، دوآبي ۾ آهي، تنهنڪري آهستگيءَ سان ٽپي سگهندؤ، ۽ بچاءَ ۽ حفاظت ۾ (ٻڌ) رهندؤ. پل ٻڌڻ جي ناهجو، ۽ جنگ ۾ الله جي مدد ۽ خداي. جلّت قدرتہ جي فتح پاڻ سان همراه سمجهجو. تون جڏهين طاقت ۽ دبدبي سان ڪم ڪرڻ لڳندين ته پوءِ لشڪر خواه، رعيت پنهنجي جان جي بچاءَ ۽ ذريعي معاش خاطر تنهنجي بيعت ڪندا، ۽ تابعدار ٿي پاڻ کي تنهنجي درٻار سان وابسته رکندا."

محمد بن قاسم جي مهراڻ جي پاڻيءَ ٽپڻ وغيره جي خبر

تواريخ جي مصنفن ۽ هن داستان کي سنواريندڙن روايت ڪئي آهي؛ جڏهين حجاج جو لکيو محمد بن قاسم کي پهتو تڏهن فرمان جي حڪم موجب هڪدم اتان منزل پٽي جهم جي علائقي ۾ ساڪري جي زمين ۾ پهتو، ۽ ٽپڻ لاءِ ٻڌيون هٿ ڪرڻ ۽ تختا تيار ڪرڻ جو حڪم ڏنائين.

(هوڏانهن) راجا ڏاهر پاڻ کي غافل رکي سارو ڏينهن رانڊ، خوشي ۽ سير شڪار ۾ مشغول ٿي رهيو، جيئن هو (عرب) سمجهن [۱۵۲] ته اسان جو ڪوبہ فڪر ڪونهيس.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ھك ڏينهن پنڊ ويو شمني (١) ڏاهر وٽ اچي چيو تہ: "اي بادشاھ! توکي سارو ڏينهن راند ۽ شڪار ۾ مشغول ٿو ڏسان، ۽ شطرنج ۽ چوپڙ ۾ قائل آهين، ۽ [ٻئي طرف] عرب جو لشڪر پهچي اچي تنهنجي در تي لٿو آهي." ڏاهر چيو تہ: "[ٻوء] کهڙي رٽ آهي؟ تنهنجي کهڙي صلاح آهي؟" (جواب) شمني وراڻيو تہ: "مون کي ٿي تدبيرون خيال ۾ اچن ٿيون: هيٺين کمن مان هڪڙي تي عمل ڪج. [اول تہ] جيڪڏهن تون اتفاق ڪرين تہ [پنهنجا] فرزند ۽ تعلقدار هندستان موڪلي، پاڻ اڪيلو ساڻس لڙائيء ۾ سامهون ٿيءُ؛ چاڪاڻ تہ پوء برگستوان، مست هاٿي، بهادر مرد، ۽ جنگي جوڌا ساڻ ڪري، جيڏانهن چاهيندين تيڏانهن اچي جنگ ڪري سگهندين. سيٺي وستا بند ڪري چڏ جيئن هنن کي گاهہ ۽ اناج نہ پهچي. [پي رٽ آهي] تہ جيڪڏهين چاهين تہ هن وقت جيڪو به لشڪر تنهنجي تابعداري ڪري ٿو تن سيني کي گڏ ڪري، پنهنجي بچاءَ ۾ مقدمو (اڳ) ۽ ساقو (پيڇو) بناڄ، جيئن ڏاڙي لشڪر کان تنهنجي واهر ٿئي؛ [پڻ] هتان کوڄ ڪري قصبہ (١)

---

(١) فارسي ايڊيشن جي پڑهڻي "بهند وير سمني" مطابق؛ ن جي پڑهڻي ٿ "بهندوير" آهي مگر پويان "سمني" لفظ ڪونهي، پ: بهندر؛ م: بهندرکو؛ ر: بهندکز؛ ک: مهندر وزير. (ن-ب) (٢) فارسي ايڊيشن ۾ "قصبہ" (يعني کڄ) پڑهڻي اختيار ڪيل آهي. هي ساڳيو نالو آهي، جنهن جو ذکر مٿي ص [١٣٣] تي اچي چڪو آهي. هت مختلف نسخن جون پڑهڻيون هن طرح آهن. م: قصبہ؛ پ: قصيہ؛ ن: قصب؛ ب، س: عقب. اختيار ڪيل پڑهڻي لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص [١٣٣]. (ن-ب).

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏانهن وڃ تہ اهو ريگستان تنهنجي لاءَ قلعو ۽ پناهہ رهي، ۽ اتي جا رهاکو تنهنجي مدد ڪن. اتي وڃي انهن کي چؤ تہ: "توهان ۽ عرب جي لشکر جي وچ ۾ آءٌ ديوار آهيان. جيڪڏهن، سون کي ڦرڻ ۽ پوءِ توهان ۾ برباد ٿي ويندا، تنهنڪري اچي اسان جي تابعداري ڪريو، ۽ لڙائيءَ ۾ منهنجا مددگار ٿيو". [ڪين تدبير] هيءَ آهي تہ اولاد ۽ تابعدار ولي جسومراءَ (۱) جي ملڪ ۾ وڃ. اهو بادشاهہ تنهنجو قدر جاڻي ٿو ۽ تنهنجي هرطرح جي مدد ڪندو، ۽ هن کان مدد گهرندين تہ سندس مدد سان پنهنجي ملڪ ۾ وري موڻي دشمن کان بدلو ولي سگهين ٿو، ۽ عرب جو لشکر هن ملڪ مان کوڃ نفعو ولي نہ سگهندو: ۽ جيستائين راجا جي جان سلامت آهي تہ کوڃ دشمن تنهنجي قوّت کان آرام ۾ نہ ويهي سگهندو، ۽ جيڪڏهن خدا نہ خواسته توکي ڪا تڪليف پهتي ۽ دشمن غالب ٿي توکي ماري وڌو [۱۵۳] تہ پوءِ هندستان جي بادشاهن مان کوڃ بادشاهہ انهيءَ (دشمن) کي دفع نہ ڪري سگهندو: ۽ هو هن حڪومت کي مضبوط ڪري نہ سگهندو: ۽ سڄي ملڪ تان تنهنجو تصرف ڪڍي ويندو."

ڏاهر جر وزير کي جواب ڏيڻ.

ڏاهر چيو تہ: "اي هوشيار وزير! تون جيڪي چگو سمجهين ٿو سو عين مصلحت ٿي سگهي ٿو. ليڪن هن وقت

---

(۱) ر: جيور رائي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

لاگاپيدارن کي هندستان موڪلي ڏيڻ، [مصلحت] ڏسڻ ۾ نٿي اچيم: جالاءِ ته رعيت متردد ٿيندي ۽ لشکر ۽ امير دل شڪستا ٿي جنگ نہ ڪندا ۽ ٽڙي پکڙي ويندا، ۽ مون کي پڻ هن گالهه کان شرم ٿو اچي ته کنهن پٽي کي التجا ڪريان يا کنهن جي دروازي تي وڃي انتظار ڪريان ته اندر اچڻ جو حڪم آهي؟ هيءَ عار آءٌ ڪيئن برداشت ڪري سگهندس." وزير چيو ته: "تنهنجي ڪهڙي صلاح آهي؟ بندي کي واقف ڪر ته خيرخواهي ۽ صلاح طور (اها) همراه خادمن کي ڏاڻي وڃي."

راجا ڏاهر جي وزير سان صلاح ڪرڻ.

راجا ڏاهر چيو ته: "منهنجي راءِ جي تقاضا آهي ته هن سان سامهون ٿي جنگ ڪريان، ۽ جنگ [پوري] ڪوشش ۽ سعي سان ڪريان. جيڪڏهن انهن تي غالب ٿيس ته پوءِ هو سڀ ذليل ٿيندا ۽ منهنجي بادشاهي مضبوط ٿيندي، ۽ جيڪڏهين ننگ ۽ ناموس خاطر ڪٽو ويس، تڏهين به هيءَ خبر عرب خواهه هندستان جي ڪتابن ۾ لکي ويندي، ۽ بزرگن جي واتان دنيا جي بادشاهن جي ڪن پوندي ته راجا پنهنجي ملڪ خاطر دشمن جي مقابلي ۾ پنهنجي پياري جان فدا ڪئي". (شمني جو جواب ڏيڻ) پوءِ شمني چيو ته: "منهنجي سچي نصيحت جو دارو مدار (انهيءَ تي) آهي ته راجا جي ذات باقي رهي ۽ هيءَ بادشاهي قائم رهي. نہ ته هيءَ صورت ۾ اسان بندن لاءِ [سڀڪجهه] آسان آهي. [اسان لاءِ] ستڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي هڪ لپ، ياڻيءَ جو ڏڪ ۽ ڪپڙي جي اڳڙي ڪافي آهي. شال راجا جي راءِ مٿانهين رهي [١٥٤]!"

محمد بن قاسم جي اسلامي لشڪر سان ايرندي طرف ڏانهن ٽڙي اچڻ جي خبر.

ڏڏهين محمد بن قاسم [درياءَ] ٽپڻ جو پڪو ارادو ڪيو تڏهين فڪر ڪرڻ لڳو تہ ائين نہ ٿئي جو راجا ڏاهر لشڪر وٺي، مهراڻ جي ڪناري تي اچي اسان جو گهٽ جهلي ۽ روڪ ۽ ٽوڪ واجب سمجهي؛ تنهنڪري سندس احوال معلوم ڪرڻ ضروري آهي.

سليمان جو لڙائي تي وڃڻ.

پوءِ سليمان بن نبهان قريشيءَ کي حڪم ڪيائين تہ: توکي پنهنجو لشڪر وٺي راوڙ جي قلعي جي مقابل لڙائيءَ لاءِ وڃڻ گهرجي، تہ جيئن ڏاهر جو پٽ گوپي (د)، پيءُ

---

(١) هن نالي جون اصل پڙهٽيون هن طرح آهن. ل،م،ن،ب،س: قرتي؛ پ: فوقي. فارسي ايڊيشن ۾ "قوفي" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي جا نہ فقط قرين قياس آهي، بلڪ اسان جي خيال ۾ صحيح آهي. علم اللغت موجب، مُعَرَّب ۽ دَخِيل لفظن جي صورتخطين جي لحاظ سان "قوفي" صاف طور "گوپي" معلوم ٿئي ٿو ۽ اسان توجمي ۾ انهيءَ اصلي نالي کي ترجيح ڏني آهي- بشڪريہ، محترم قاضي احمد ميان اختر صاحب. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جي مدد تي نہ اچي. سليمان ڇهہ سؤ ماڻهو سان وڃي لڙائي تي ويو. وري عطيه ثعلبي (۱) پنجن سون ماڻهن سان اگهم جي رستي تي مقرر ڪيائين ته جيئن ڪندراه (۲) واري ابراضي تي چوڪسي ڪري. (هوڏانهن وري) قلعي نيرون جي سردار شمني ميگهڏنيم (۳) کي فرمايائين ته رستي تي

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ "عطيه ثعلبي" آهي. ر جي پڑهڻي "ثعلبي" يا "ثغلي" جا ٻڌ م جي پڑهڻي آهي. انهن پڑهڻين جي آڏار تي "ثعلبي" صحيح معلوم ٿئي ٿو ۽ "ثعلبي" ان جي تصنيف آهي. ازانسواء انساب ۾ ٻڌ "ثعلبي" نسبت عام ڪانهي. (ن-ب) (۲) هي پڑهڻي فارسي ايڊيشن مطابق آهي. ن جي ٻڌ اهائي پڑهڻي آهي، پ، S: ڪندراهه؛ ر،م: ڪند اد همه (۳) مختلف نسخن جون اصل پڑهڻيون هي آهن: پ: مندينه؛ ا: مقدنيه؛ م، س: مقدونيه؛ ن: مقديته؛ S: مقديفه. فقط پ جي پڑهڻي جي صورت علحده آهي ۽ ان جي لحاظ سان اصل نالو "مَنْدِيْنَ" يا "مانديْنَ" ٿي سگهي ٿو. مگر ٻين سڀني نسخن جي قراءتن ۾ هن نالي جي شروع ۾ "مَ" آهي ۽ انهيءَ لحاظ سان پ جي پڑهڻي ۾ غالباً "مقدينه" "مقدنيه" جي بگڙيل صورت ٿي سگهي ٿي. فارسي ايڊيشن ۾ "مقدنيه" پڑهڻي اختيار ڪيل آهي. ٻي صورت م، س جي قرأت آهي جنهن ۾ "و" زائد آهي؛ ۽ ٽين صورت ن جي قرأت آهي جنهن جي پوئين حصه ۾ ت آهي ۽ اها پڑهڻي "مقدتيه" ۾ ٿي سگهي ٿي، م، س جي قرأت ۾ "ن" جي بدران جيڪڏهين "ت" پڑهجي ته اها پڑهڻي "مقدوتيه" ٿي سگهي ٿي. انهيءَ لحاظ سان مقدنيه، مقدوتيه ۽ مقدتيه پڑهيون ٿي سگهن ٿيون، جي ميگهدَنيهَ، ميگهدُوتَيه ۽ ميگهدَتَيه جهڙن اصلي نالن ڏانهن رهنمائي ڪن ٿيون. جيئن ته سنڌ ۾ ڏڻ، ڏنو وغيره لفظ عام آهن، تنهنڪري اسان متن ۾ ميگهدنيه پڑهڻي رکي آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اناج ۽ گاهه موجود رکي، ستان لشکر کي ان جو احتياج ٻوي، ۽ [محمد بن] مُصْعَب بن عبدالرحمان (۱) کي [لشکر جي] مقدمي (سُهڙ) تي مقرر کيائين تہ اڳتي وڃي رستن جي چوڪسي ڪري. نُبَاتَہ بن حَنْظَلَہ کِلابِي کي هڪ هزار سوارن سان قلب (وچ) ۾ رکيائين. (ايستري ۾) ذَکْوان بن عَلْوان البَکْري، پندرهن سؤ سوارن: ٻيٻٹ جي حاڪم سوکي [پٹ] وَسايي، يَتْي نَڪَرن، ۽ [مهراڻ جي] الهندي طرف جي جتن. جن بيعت ڪئي هئي. [انهن مڙني] کي پاڻ سان وٺي اچي خدمت ۾ حاضر ٿيو؛ ۽ ساڪري جا وڏيرا ۽ ٻيٹ واري ايراضي (۲) ۾ تيار ٿي ٻيٹا [۱۵۵].

محمد بن قاسم جي پاڻيءَ ٽپڻ لاءِ جاچ ڪرڻ.

جڏهين محمد بن قاسمؒ کي معلوم ٿيو تہ لشکر جو مقدمو (سُهڙ)، جهم جي گهيڙ وٹ پهتو آهي، ۽ [جَهْمْ بن] زَحْر جُعْفِيؒ (۳) ٽپڻ (لشکر جي) مقدمي سان وڃي ڏسي آيو تہ ڪهڙي جاءِ کان گهيڙ سوڙهو ۽ ڪنارو موافق آهي، تڏهين انهيءَ ٻيٹ جي سامهون ٻيهي مهراڻ جي شڪل ڏسي

---

(۱) اصل ۾ "مصعب بن عبدالرحمان". ڪيل تصحيح لاءِ ڏسو متي حاشيہ ص ۱۴۲. (ن- ب). (۲) ٻيٹ واري ايراضي لاءِ اصل عبارت "جزيره بيت" آهي. (ن- ب) (۳) اصل ۾: "زَحر جعفي" حقيقت ۾ محمد بن قاسم جي لشکر ۾ زَحر نہ پر هڪ سندس پٹ جهم بن زحر الجعفي شامل هو. ڏسو متي ص ص [۱۰۱ ۽ ۱۰۶]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حڪم ڪيائين، جنهن موجب پُل ٿاهڻ لاءِ ٻيڙيون موجود ڪري، انهن کي پٽرن ۽ واريءَ سان پوري ميخون هڻي مضبوط ڪيائون.

ڏاهر کي موڪي [پٽ] وسايي جي ٻيڙين آڻڻ جي خبر پوڻ.

پوءِ جڏهن ڏاهر کي خبر پهتي ته موڪي [پٽ] وَسايي ٻيڙيون آڻي محمد بن قاسم کي ڏنيون آهن ۽ هو (درياهه) ٽپڻ لاءِ گهيڙ تي آيا آهن، تڏهن ڏاهر جَيْسينه کي پيٽ جي قلعي جي حفاظت لاءِ موڪليو، ۽ چيائينس ته وسايي [پٽ] سربند تي اعتبار نه ڪج، ممڪن آهي ته انهيءَ ٻ پٽ سان [ملي، محمد بن قاسم جي] بيعت ڪئي هجي. جَيْسينه پيٽ جي قلعي ۾ آيو. موڪي جي ياءِ، راسل نالي [پنهنجي] ياءِ جو مخالف هو، ۽ ڏاهر وٽ حاضر ٿي عرض ڪيائين ته: شال راجا سلامت رهي! شال راجا فتحمند رهي!! بندي جي فرمانبرداري ۽ سچائي بابت [توهان کي] معلوم آهي ته [ڪيئن نه] هانهپ جي شرطن بجا آڻڻ ۾ دوراندیشي ۽ احتياط قائم رکندو آيو آهيان. جيڪڏهن بندي کي حڪم ٿئي ته پيٽ جي قلعي جي نگهباءِ لاءِ وڃان، ۽ عرب جي لشکر کي ڪڏهن بہ [درياهه] ٽپڻ نه ڏيندس [١٥٦].

راسل کي حڪومت ڏيڻ.

پوءِ راجا ڏاهر، پيٽ جي حڪومت راسل جي حوالي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪري، پيٽ جي سردارن ۽ سڪيم ماڻهن کي سندس حڪم هيٺ ڏنو، ۽ جيسيٽنڊ [پٽ] ڏاهر انان واپس آيو؛ [جنهن تي] ڏاهر جي [بوٽلڪ] گوڻاڻن پانيو تہ اسلام جو لشڪر غالب ٿي اچي [پيٽ ۾] لٿو آهي.

ڏاهر جي گمان کانسواءِ بغاوت جي خبر اچڻ.

ابوالحسن مدائنيءِ کان روايت ڪئي اٿن تہ: وسايو ۽ هن جو پٽ راسل همیشه موڪي [پٽ] وسايي جا مخالف هئا، ۽ سندن مخالفت ظاهر هئي. چاڪاڻ تہ موڪي [پٽ] وسايي ڏاهر کان بيفرمان ٿي محمد بن قاسم سان بيعت ڪئي هئي، ۽ راسل، مخالفت سببان، موڪي ۽ محمد بن قاسم جي لشڪر جي سامهون آيو هو. هوڏانهن موڪي کي جڏهن کان وٺي هي عقل آيو هو، تڏهن کان ڏاهر جي تابعداري ۾ سر نہ جهڪايو هئائين، ۽ اسلام جو خيرخواهہ هو ۽ سچائي ۽ اعتقاد سان ڏاهر جي لشڪر جي برخلاف رٽون ۽ الڪلون ڪندو رهيو ۽ سندن شڪست جون ڪوشش پئي ڪيائين.

جنهن جماعت هي حال ڏنو هو، تن کان هن طرح روايت ڪئي ويئي آهي تہ: جڏهن محمد بن قاسم ٻيڙيون گڏ ڪري هڪٻئي سان گهنڊ لڳو، تڏهين راسل ملڪ جي سردارن ۽ مشهور ماڻهن سان گڏجي، ڪين پل ٻڌڻ ۽ مهراڻ ٽپڻ کان روڪڻ لاءِ (مٿن) حملو ڪيو. تنهن تي محمد بن قاسم مهراڻ جي پيٽ جي انداز موجب سپ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻيڙيون الهندي ڪناري تي هڪٻي سان قطار ڪري ڪنڊ جو حڪم ڪيو. پوء تہ جنگي بهادر هٿيار پهري ٻيڙين ۾ ٽي ويلا ۽ پٽ جي انهيءَ جاء ڪان، جيڪا ڪين هٽ آئي [١٥٧] هئي، [مٿي] منڊ واري ٻيڙي ڪٽي ڇوڙهاڻون ۽ اها مٺڙ واري ٻيڙي [لهواري وهڪري سبب] وڃي ايرندي ڪناري تي ٻيٽي. اسلام جي لشڪر تير وسائي ڪافرن کي ڪناري کان پري ڪيو ۽ هڪدم ميخون ٽوڪي پُل ٻڌائون. (بس پوء تہ) سوارن ۽ پيادلن حملو ڪيو ۽ ايرندي ڪناري طرف (١) ڇلنگيون ڇلنگيون ٽي (١) ٽپيا ۽ صفون ٻڌائون، ۽ ڪافر پڄي ويا. عرب جي لشڪر غالب ٿي ڪين ڇڏيم [جي حد] کان ٻاهر پڄائي ڪڍيو. ڪافرن مان جيڪي همت وارا سوار ٻلن گهوڙن تي سوار هئا، تن ڪٽي گهوڙن کي ڇڏيو، ۽ سڄي رات هلندا رهيا؛ ٽيٽ ڇڏهين صبح صادق اونداهيءَ رات جي ٻردي مان ظاهر ٿيو، تڏهين وڃي ڏاهر جي لشڪر گاهه ۾ پهتا. ڏاهر خواب گاهه ۾ ستل هو ۽ دربانن هن کي جاڳائڻ جي همت نٿي ڪئي. ٽيٽ سندس خاص ماڻهن مان هڪڙو سندس خلوتگاهه ۾ ويو، ۽ راجا ڏاهر کي جاڳائي ڪيس اسلام جي لشڪر جي پهچڻ، ۽ ڪافرن جي شڪست کائي ڀڄڻ جو احوال تفصيل سان ٻڌايائين. ڏاهر آرام جي بستري تان ٽپو ڏيئي اٿيو.

---

(١)-(١) هي عبارت نسخي ر تان وڌايل آهي. اصل ۾ سڄو فقره هن طرح آهي: "و از آب مهران بتفاريق مي گذشتند." (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ چيائين تہ: بري خبر ڏني اٿيئي: ۽ هن کي پنهنجي ويجهو سڏي، ڪاوڙ مان سندس پٽيءَ تي مڪ هنيائين. ڏاهر جو هٽ ڪورو هو، جنهنڪري اهو ماڻهو انهيءَ ڏڪ کان مري ويو.

(روايت:) تاريخ جي مصنفن هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: جڏهين محمد بن قاسم درياءَ ٽپي ويو، تڏهين اعلان ڪيائين تہ: اي اسلام جا لشکر! هينئر مهراڻ جو پاڻي توهان جي پوبان آهي، [۱۵۸] ۽ ڪافرن جو لشکر توهان جي سامهون مقابلي ۾ ايندو. جنهن جي دل موٽي وڃڻ چاهي سو هتان موٽي وڃي؛ ڇاڪاڻ تہ (جنهن وقت) دشمن سامهون ٿيندو ۽ لڙائي شروع ٿيندي، انهيءَ وقت جيڪڏهن ڪو ماڻهو منهن ڦيرينڊو تہ لشکر دل شڪسته ٿي پڄڻ جي ڪندو جنهنڪري دشمن اسان تي غالب پنجي وينڊو: [اهو اسان لاءِ] وڏو عيب ٿيندو، [پڄڻ] وارو مردار ٿي مرندو ۽ اڳيان آخرت جي عذاب جي گرفتاري [ٿيندس]. [انهيءَ اعلان بعد] ڪن ماڻهن کان سواءِ ڪوبہ واپس نہ موٽيو، هڪڙي چيو تہ مون کي هڪ ڏيئ آهي، جنهن جو مون کان سواءِ ڪوبہ ڪمائيندڙ ڪونہ آهي؛ ٻئي چيو تہ مون کي هڪ ماءُ آهي، جنهن جو ڪوبہ ويجهو عزيز ڪونہ آهي جو ڪيس (مرڻ کان پوءِ) دفن ڪري يا سندس تيمارداري ڪري؛ ۽ ٽئين چيو تہ مون کي تمام گهڻو قرض ڏيڻو آهي ۽ اهڙو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کوبہ ماڻهو جيڙو کونہ آهي جو (اهو بار) منهنجي گردن تان لاهي. امير [محمد بن] قاسم انهن کي اجازت ڏني. باقي بيا سڀ اتفاق ڪري بيهي رهيا.

ٽپڻ لاءِ پل ٻڌڻ (۱)

پوءِ جڏهين پل تيار ٿي تہ فـــوج لنگهڻ لڳي ۽ بني حَنْظَلَہ جي هڪڙي شخص تراب نالي کان سواءِ، جو لنگهن وقت پل تان ڪيري ڏي ويو، ٻئي ڪنهن کي بہ کا تڪليف کانہ پهتي.

عرب جي لشڪر جو لنگهڻ.

تنهن کان پوءِ اسلام جو لشڪر روانو ٿيو، ۽ وڃـي **ٻيٺ** جي قلعي جي ويجهو ٿيو. سڀ سوار لوهہ [جي زرهن] ۾ غرق ٿي نڪتا هئا. [محمد بن قاسم] جاسوسي دستي طور [کي ماڻهو] چوطرف مقرر ڪري، لشڪر جي ٻاهران کاهي کوڻڻ جو حڪم ڏنو ۽ ان جي انـدر سامان اسباب رکائي، [۱۵۹] محمد بن قاسم **ٻيٺ** جي قلعي کان **راوڙ** ڏانهن روانو

---

(۱) هن عنوان جو اهو مطلب ناهي تہ دوباره پل ٻڌائون. مگر پل ٻڌڻ ۽ لشڪر جي لنگهڻ بابت ڪي واقعا بيان ڪيل آهن ۽ انهيءَ ڪري هي عنوان ۽ ان کان پوءِ ٻيو عنوان دوباره لکيو ويو آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٽيو، ۽ ٽيٽ وڃي انهيءَ جاءِ وٽ پهتو جنهن کي جيور (۱) ٽي چاڻون. راڻو ۽ جيور جي وچ ۾ هڪ خليج [پاڻي جي گهاري] هئي: ڏاهر انهيءَ آبگير (ڇڇ) جي گهيڙ وٽ حفاظت خاطر کي هٿيار بند ۽ خاص ماڻهو بيهاريا هئا، تہ نظر ڪندا رهن.

ڏاهر کي ٽپي اچڻ جي خبر پوڻ.

محمد بن قاسم خيال ڪيو تہ شايد هنن جو لشکر چالبازي ٿو ڪري، ۽ هو [وجهه وٺي] اسان سان سامهون ٽيندا. سو مُحَرِّز بن ثابت قَيْسي (۲) کي ٻن هزارن سوارن سان

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ "جيپور" پڙهڻي متن ۾ رکي وئي آهي جا س جهڙي غير معتبر نسخي جي پڙهڻي آهي. معتبر نسخن مان ر، ن، ب جي متفق پڙهڻي "جيور" آهي. پ جي پڙهڻي "چيور" آهي جا جيور سان موافق آهي. هي نالو ٻئي ص [۱۳۳] تي اچي چڪو آهي ۽ اتي سڀني نسخن مطابق "جيور" آهي. هي نالو وري ص [۱۶۷] تي آيو آهي، جتي هن نالي جي افغاني معنيٰ "موضع ظفر" ڄاڻايل آهي ۽ فاضل ايڊيٽر (ڊاڪٽر دائود پوٽي) آخر ۾ ص [۱۳۳] جو حاشيو لکندي لفظ "جيور" کي انهيءَ معنيٰ سان هن طرح تطبيق ڏني آهي: "جي= ظفر ور (مشتق از وُرُوْ)= محيط به، يعني موضعي محيط بظفر" (ڏسو فارسي ايڊيشن ص ۲۶۳). ص [۱۶۷] تي ۽ پ ۽ ر جهڙن جهونن نسخن جي پڙهڻي "جيور" آهي. انهيءَ ڪري هن صفحي تي توڙي ص [۱۶۷] تي اسان "جيور" پڙهڻي اختيار ڪئي آهي. (ن ب). (۲) سڀني نسخن مطابق هت "قيسي" مگر ص [۱۷۱] تي "الدمشقي".

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مقرر ڪري ۽ محمد بن زياد اَلْعَبْدِي" ڪي هڪ هزار سوار ساڻ ڏيئي، ٽپايائين جي وڃي هنن جي سامهون ڪُپي ويٺا.

ڏاهر جو محمد عِلافي ڪي گهرائڻ.

پوء ڏاهر جي حڪم ڪرڻ تي محمد بن حارث عِلافيء ڪي سڏيائون. عِلافي آيو ۽ ڏاهر چيو تہ: "اي محمد! اسان جي تو تي مهرباني خاص هڙي وقت لاء هئي. جيئن تہ جاسوسيء جو عهدو هميشه تنهنجي حوالي رهيو آهي، هن وقت خاص طرح (اهو ڪم) تنهنجي ذمي لڳايو ٿو وڃي: چاڪاڻ تہ عرب جي لشڪر جي طور طريقي کان تون وڌيڪ واقف آهين، تنهنڪري انهيء لشڪر جي جاسوسي پڻ تنهنجي حوالي ڪرڻ وڌيڪ مناسب ٿيندي."

(عِلافي جو جواب:) اتي عِلافي چيو تہ: "اي راجا! تنهنجي خيرخواهي اسان تي واجب آهي، چاڪاڻ تہ تنهنجي نعمت جو حق اسان جي مٿان لازم ٿيو آهي. ليڪن اسان مسلمان آهيون، ۽ اسلام جي لشڪر جي سامهون جنگ نہ ڪنداسون ۽ نہ ترار ڪنداسون. چاڪاڻ تہ جيڪڏهن مسلمانن جي هٿان ڪسي وياسون تہ مردار ٿياسون ۽ جيڪڏهن انهن کي ڪٽوسون تہ سندن خون اسان جي گردن ۾ رهندو، ۽ ان جو بدلو [١٦٠] جهنم جي باهہ آهي. بيشڪ تنهنجي نعمت ۽ نمڪ جو حق اسان جي گردن ۾ آهي، ۽ اهڙو ڪوبہ ماڻهو ڏسڻ ۾ ڪونہ ٿو اچيم، جو تنهنجو خيرخواه هجي. پر مان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هن (عرب جي) لشکر جي طاقت کان بيخوف نٿو رهي سگهان اگرچ تنهنجي نعمت جي زير بـــار آهيان، [تاهم] مون کي [هتان نکري وڃ جي] موکل ڏي" (۱).

محمد عـلافيءَ جي درخواست ۽ ڏاهر جو ان کي جواب ڏيڻ.

هنن ٻوٽن جي باغبان اهڙيءَ طرح ظاهر کيو آهي ته: عـلافيءَ جڏهن هيءَ احوال کيس ٻڌايو، تـــڏهن ڏاهر چيو: "مون توکي ههڙي ڏينهن لاءِ رکيو هو، پر جنهن صورت ۾ تون مون کي هن حادثي ۾ مدد نٿو ڪري سگهين ۽ منهنجو حڪم (ميڙ) توکي ڏکيو ٿو لڳي، تہ پوءِ اسان جي خدمت ۽ صحبت مان هليو وڃ."

محمد عـلافيءَ جو هليو وڃڻ.

محمد عـلافي هن کان جدا ٿي **بيلمان** جي حڪومت (۲) ڏانهن هليو ويو، جو (بيلمان) ان ملڪ جـــو والي هو، ۽

---

(۱) شايد علافيءَ جو بيت "لاتُقِيمُنَّ بدّار - الخ" جو مٿي صفحي [۱۳۸] ۾ لکيو ويو آهي؛ سو هن موقعي تي چيل ٿو ڏسجي. ڇاڪاڻ تہ هن موقعي سان اهو بيت مناسب آهي ۽ جتي لکيو ويو آهي انهي جاءِ سان ڪا، مناسبت نٿو رکي. (مترجم) (۲) اصل عبارت: "ممالک بيلمان". **بيلمان** راجا جي نالي طور آيو آهي. هت **پ** جي بڑهٽي "چلمان" آهي. (نـب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اهو ملڪ هن جي ڏاڏي بتابر (يا نيابر) بن بجر (۱) جي نالي سان مشهور هو: ۽ هو ڏاهر جي ڪُنڀ تائين آتي رهيو.

[محمد بن قاسم جو] محمد علافيءَ کي امان ڏيڻ (۲)

پوءِ، محمد بن قاسم هن کي امان ڏيئي، کيس ملڪ جي وزارت جو پروانو لکي ڏنو، ۽ هو هندستان ڏانهن وڃي اتي جي بادشاهن کي اسلام سان مشرف ٿيڻ يا دل پرڻ جي ترغيب ڏيندو هو، جڳن ۽ وعدن سان کين اميدوار ڪندو هو، ۽ [۱۶۱] هو سندس [محمد بن قاسم جي] تابعداري ۽ بيعت ۾ ايندا هئا؛ ۽ جيڪي پروانا گهرندا هئا تن لاءِ خدمت ۾ عرض ڪندو هو." جنهنڪري سيئي سندس اطاعت ۾ آيا. سيني کان اڳ ۾ طاطرس بن بجر بيلمان،

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ هيءُ نالو "بتابر بن الحر" ڪري لکيو ويو آهي، جو پ،ن،ب،م نسخن مطابق آهي. ر جي پڙهڻي "نيابر بن الحر" آهي. هيٺ ص [۱۶۲] تي "طاطرس بن بجر بيلمان" جو نالو آيل آهي، جنهن مان ظاهر آهي ته هت ۾ "الحر" جي بدران صحيح "بجر" آهي. (ن-ب) (۲) هيءُ عنوان صرف علافيءَ جي سلسلي ۾ هتي اچي ويو آهي ۽ "پوءِ محمد بن قاسم-الخ" مان "پوءِ". جي معنيٰ ته "هن واقعي بعد" ۽ نه ته "هن کان پڪدم پوءِ". علافي پوءِ ۾ جيسينه سان گڏ رهيو ۽ غالباً ان بعد محمد بن قاسم کيس امان ڏنو ته هندستان جي بادشاهن وٽ سندس ايلچي ٿي وڃي. چنانچ هو ڪشمير جي راجا وٽ ويو، جنهن لاءِ ڏسو صفحو [۲۰۳]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کيرج (۱) جو راجا سر بند (۲)، کنبه يا کشه (۳) جو مالڪ کوکو پٽ موکو (۴)، ۽ گيان پٽ ٺاهر (۵) اسلام جو شرف حاصل ڪري ڏن-ڀرو ٿيا.

محمد بن قاسم جڏهن ملتان ڏانهن ويو، تڏهين [محمد علافي] وفات ڪئي.

ڏاهر جي عيلافيءَ سان صلاح ڪرڻ.

محمد [بن] حسن کان روايت ڪئي اٿن، جنهن بيان ڪيو تہ: پهرئين ڏينهن جڏهين عيلافي جنگ کان معافي گهري ۽ مسلمانن سان لڙڻ کان پاسو ڪيو، تڏهين ڏاهر چيس: "جيڪڏهن عربن جي جنگ کان معافي ٿو گهرين تہ بہ اسان سان رهي جاسوسي ڪندو رهہ، جيئن اسان کي

---

(۱) ر،ن،ب،س،S جي پڙهڻي "ڪيوج" آهي، جنهن سان معلوم ٿئي ٿو تہ غالباً صحيح پڙهڻي "ڪيرج" ئي آهي. جنهن جو ذڪر هن بعد [۲۱۸] ۽ [۲۲۸] صفحي تي اچي ٿو. پ،م جي پڙهڻي "ڪنوج" آهي جا مناسب نٿي نظر اچي. (ن-ب) (۲) پ: سوبند؛ S: سونيذ (۳) فارسي ايڊيشن م "ڪنبه" جا غالباً پ جي پڙهڻي آهي؛ مگر ر،ن،ب،س جي پڙهڻي "ڪنه" آهي، جنهن مان "ڪشه" جو ٻہ گمان نڪري ٿو. وڌيڪ توضيح لاءِ ڏسو آخر م حاشيہ صفحو [۱۶۲]. (ن-ب) (۴) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي "ڪهوڪه بن موکه" آهي جا غالباً م مطابق آهي. ٻين نسخن م هي سڄو نالو ڏنل ڪونهي: پ م ۾ "ڪه" آهي ۽ ن م "بن موکه" (ن-ب) (۵) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي "قبايض بن طاهر" آهي جا غالباً ب مطابق آهي، ن جي پڙهڻي ٻہ اهائي آهي، مگر ر، م جي پڙهڻي "قيان بن طاهر" آهي ۽ اسان انهيءَ جي مدار تي ئي "گيان بن ٺاهر" ڪري لکيو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هنن جي رڻ کان واقف ڪندو رهين، ۽ سندن اڪلن جي دفع ڪرڻ جون صلاحون ڏيندو رهين." پوءِ عيلافي، ڏاهر سان گڏجي هنن جي حال معلوم ڪرڻ لاءِ جاسوس ٿي ويو. جڏهين عربن جي لشکر کي ويجهو ويو، تڏهين عربن کيس طعنا هنيا ۽ عيلافي پڇي موڏي آيو.

محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن لکيو سوکڙ.

پوءِ محمد بن قاسم سمورو احوال خط ۾ لکي حجاج ڏانهن موکليو، ۽ ٻڌايائينس ته اسلام جو لشکر مهراڻ ٽپيو آهي، ۽ ڏاهر ڪافر سان هڪ دفعو سامهون ٿيا آهيون، جنهن ۾ ڪافر پڇي ويا. والسلام [۱۶۳].

حجاج جو خط محمد بن قاسم کي پهچڻ.

"پيارا فرزند عمادالدين محمد بن قاسم! تو جيکي لکيو آهي سو معلوم ٿيو. هيءُ نمونو جيکو لکيو اٿئي سو اصل نڪي آهي. اللّٰه تعالي جي حڪم ۽ خدائي توفيق سان موافق هيءُ ڪم (هيڻن) ٿو ڏسجي ته خدا عزوجل جي بيمثال درگاهه ۾ پنج وقت نماز ادا ڪرڻ سيني ضروي ڪمن کان مقدم رکين؛ تڪبير، قراة، قيام، رڪوع، سجدي ۽ قعود وقت عاجزي ۽ زاري سان امداد گهرين؛ ۽ زبان کي الاهي ذڪر سان تر رکين، ته جيئن تنهنجا سيئي ڪم انتظام سان رهن: چاڪاڻ ته خدا تعالي جي عنايت کان سواءِ ڪنهن ۾ ماڻهوءِ کي دهدهو ۽ طاقت

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حاصل ٿي ٿئي: تون جڏهين سمورو پروسو ۽ ٽيڪ بادشاهه عزوجل جي فضل ۽ ڪرم تي رکندين، تڏهن تنهنجون سڀ اميدون پوريون ٿيندبون، ۽ فتح ۽ نصرت تو سان شامل ۽ مددگار ٿيندي. انشاء الله تعالي" — حمدان جو لکيل.

ڏاهر جو جيسينه کي جنگ ڪرڻ جي مقدمه طور موڪلڻ.

خبرن جي مصنفن هن طرح بيان ڪيو آهي ته: جڏهين محمد علافي جاسوسيءَ کان موٽي آيو، تڏهن راجا ڏاهر پنهنجي پٽ جيسينه کي ڪجهه لشکر ۽ هاٿي ساڻ ڏيئي موڪليو. جيسينه هاٿيءَ تي ويهي اسلامي لشکر جي سامهون اچي جنگ جوئي. گهڻي لڙائيءَ کان پوءِ، جنهن ۾ ڪافر ڪٽا ۽ پٽجا، جيسينه کي هٿياردارن ۽ بادي گارڊن جي جماعت سوڌو چوڌاري گهيرو ڪري ورتائون، ۽ [ڪيس چٿني] طرفن کان ڦري آيا. جڏهن عربن جي لشکر جيسينه تي حملو ڪري، سندس لشکر جي گهڻي پاڻي کي دوزخ ڏانهن روانو ڪري ڇڏيو، تڏهن پيلبان جيسينه جي دل جو احوال معلوم ڪرڻ چاهيو، ته جنگ تي [١٦٣] ضد اٿس يا موٽڻ جو خال رکي ٿو مصيبت کان نڪرڻ ٿو گهري. (پيلبان جو اشارو:) پيلبان هاٿيءَ کي چيو ته: "اي هاٿي! مرڻ ٿو گهرين يا جوڪارو؟ چاڪاڻ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تہ راجا ڈاهر تہ جيسينڌ جي حياتي ٿو چاهي؛ تنهنجو کهڙو خيال آهي؟ موت تہ چوڪارو ملڻي." (جيسينڌ جو پيلبان کي جواب:) جيسينڌ چيو: "اسان کيئن ڇڻي سگهنداسين؟ چاکاڻ تہ دشمن جي ساهون ٿيا آهيون ۽ تنگ آهيون؛ نڪري وڃڻ جو رستو اسان لاء ڏکيو آهي ۽ چارئي طرف بند." پيلبان سمجهيو تہ جيسينڌ جو جنگ مان پڇي نڪرڻ جو پکو ارادو آهي؛ هو حياتي گهري ٿو، ۽ جنگ کان پشيمان ٿيو آهي؛ سو هاڻي کي تکو کري حملو کيائين. عرب پيادا خواه سوار هاڻي جي حملي جو مقابلو نہ کري سگهيا، ۽ ڇڙوڇڙ ٿي ويا، جنهن کري جيسينڌ لاء پڇڻ جو رستو خالي ٿي ڏيو. هو منهن ڦيرائي پڇڻ جو رستو اختيار کري اڇي ٻيڙ وٽ پهتو، ۽ سندس سارو لشکر کسي ويو. راجا ڈاهر انهي آبگير (ڇڇ) جي ايرندي پاسي کان لٿل هو. جيسينڌ کي ڏسي شکر کيائين، پنهنجي معبود جو سجدو واجب چاتائين، ۽ پنهنجي پٽ جي سلامتي سان موڻي اچڻ تي (ان معبود جي) تعريف ۽ ساراهہ کيائين.

انهي ڏينهن حجاج جو خط پهتو، جنهن ۾ حکم هو تہ جتي ڈاهر آهي، اتي وڃي ساڻس مقابلو ڪج، چاکاڻ تہ فتح تنهنجي ٿيندي ۽ کافر خوار خراب ٿي پڇي ويندا.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهر لعين سان پهرئين ڏينهن لڙائي ڪڻ [۽ راسل جي بيعت ڪڻ.]

محمد بن ابي الحسن مدني (١) کان روايت ڪئي اٿن تہ: جڏهن جيسينه بن ڏاهر شڪست کائي موٽيو، ۽ سندس لشکر ڪسي ويو، تڏهن راسل [١٦٤]، محمد بن قاسم ڏانهن بيعت ڪڻ لاءِ قاصد موڪليو. وزير کيس چيو تہ: "راجا ڏاهر جو سورو پروسو تنهنجي موافقت تي آهي، ۽ تو تي پورو اعتماد اٿس. تون جڏهن هن وقت ساڻس مخالفت ڪندين تہ اهو تنهنجي اولاد لاءِ عار ٿيندو. اهو پڻ معلوم نہ آهي تہ عربن کي فتح ٿيندي يا نہ؟ تنهنجو ٻاڻ موکو (اڳيئي) ڏاهر جو مخالف هو، تنهنکري وڃي اسلامي لشکر سان ملجو؛ ۽ توکي کنهن ٻ بهاني جي مجال نہ آهي." [پر] راسل وزير جي جاڻ کان سواءِ قاصد موکلي چيو: "هيءُ قول منهنجي زبان مان نڪتو آهي، ۽ محمد جي خدمت جو طعنو (پڻ) لڳي چڪو آهي. پر آءٌ پنهنجي عزت ٻ چاهيان ٿو، جيئن مخالفن جي شرمائڻ کان بچاءِ ٻ رهان. (تنهنکري صلاح ڪئي اٿم تہ) مان فيصلو ڪندس تہ ڪلاڻي رستي کان راجا ڏاهر جي خدمت ٻ

(١) فارسي ايڊيشن ٻ "محمد بن ابي الحسن المدائني" لکيو ويو آهي مگر پ،ل،م،ن،ب،س،ک جملي نسخن جي متفق پڙهڻي "مدني" آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان متن ٻ "مدني" رکيو آهي. ل، م جي پڙهڻي "محمد بن الحسن مدني" آهي. وڌيڪ توضيح لاءِ ڏسو آخر ٻ حاشيہ ص [١٦٤]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وڃان ٿو. تون پنهنجن سوارن جي هڪ فوج موڪل، جيڪي انهيءَ وقت تي رستو جهلي، مون کي گرفتار ڪن تہ جيئن طعني کان بچي وڃان، ۽ اسان جو مطلب بہ حاصل ٿي وڃي." انهيءَ انجام تي راسل ڀيٽ جي قلعي مان نڪتو، ۽ وسابي کي (پنهنجي بجاءِ) مقرر ڪري هدايت ڪيائينس: "جيڪڏهن عربن جو لشڪر اچي تہ انهن سان جنگ نہ ڪج، ۽ سندن خدمت ۾ حاضر ٿي حتي‌الامڪان سندن راضي ڪرڻ جي حد کان وڌيڪ ڪوشش ڪج، ڇاڪاڻ تہ ائين ٿو سمجهجي تہ هيءُ ملڪ عرب جي لشڪر جي حوالي ٿيندو." آخر راسل اهو ارادو ڪري اتان روانو ٿيو. هوڏانهن محمد بن قاسم [۱۶۴] پنج سؤ تيز سوار مقرر ڪري، انهيءَ انجام واري جاءِ ڏانهن موڪليا. نيٺ راسل بہ اچي پهتو ۽ (پنهنجي) انهيءَ قول موجب بيهي رهيو. هن جي لشڪر سمجهيو تہ جنگ لاءِ بيهڪ ڪئي اٿس. سو جنگ ۾ جنبي وياء. (هي واقعو) ڪنبه (۱) جي قلعي کان پنجن فرسنگن جي پنڌ تي انهيءَ جاءِ تي (ٿيو) جنهن کي نيطري واهہ (۲) چون ٿا. راسل کي پڄڻ کان شرم ٿي آيو، ۽ جنگ کان پٺ پاسو ٿي ڪيائين، تنهنڪري سندس ڪپل لشڪر ڪُسي ويو [۱۶۵]. جيئن تہ محمد بن قاسم سندس گرفتار جي پارت ڪئي هئي، ۽ حڪم ڪيو هٿائين تہ ڪيس ڪهجو نہ، تنهنڪري ڪيس ڪوبہ گهاءُ

---

(۱) ب: ڪهنبه؛ س: ڪينهه؛ ک ڪنبه (۲) فارسي متن ۾: "جوي نيطري." پ: بيطري: م،س: بنطري، ر: نبطري.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

نہ کیائون، ۽ هن کي سندس هڪ لشکر جي فوج سميت گرفتار ڪري، محمد بن قاسم وٽ وٺي آيا. محمد بن قاسم هن کي سڏي چيو تہ: "اي راسل! تون چاهين ٿو تہ توکي تنهنجي پاڻ موکي جي محابي بخشان؟ ۽ هن کان اڳي توکي استدعا ڪيم (پر نہ مڃين ۽) تہ اسان سان مقابلي جو خيال ڪيئي، ۽ گرفتار ٿي آڻين. هاڻي انهيءَ عار کان آزاد آهين، جنهن جو توکي فڪر هو، تنهنڪري اسان سان موافق ٿيءَ تہ تو تي سچيون مهربانيون ڪريون، ۽ جنهن ولايت جو عرض ڪرين، سا توکي عطا ڪريون." راسل خدمت بجا آڻي رضامندي جو شرف حاصل ڪيو.

راسل جو محمد بن قاسم سان عهدنامو ڪرڻ.

راسل خدمت جو شرط بجا آندو ۽ پڪو انجام ڪري چيو تہ: خدا تعالي جي حڪم کي ڪوبہ روڪيندڙ يا دفع ڪندڙ نہ آهي. جڏهين تو سون کي پنهنجي احسان جو گروبدو ڪيو، تڏهين هن کان پوءِ تنهنجي خدمت ۾ رهندس ۽ تنهنجي رضا کان باهر نہ ويندس، ۽ جيڪو تنهنجو فرمان ٿيندو، انهيءَ جي تابعداري ڪندس. انهيءَ کان ٿورو پوءِ راسل سري ويو، ۽ ولايت جو سڄو ڪاروبار موکي جي حوالي رهيو.

جڏهن راسل ۽ موکي اتفاق ڪري، محمد بن قاسم کي منزل ڪرڻ جي ترغيب ڏني، تڏهين اتان منزل پٽي وڃي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

انهيءَ جاءِ ۾ لٽا جنهن کي ناراڻي (۱) چوندا آهن. ڏاهر قاجيجاق (۲) ۾ (لٽل) هو. اتي ڏٺائون تہ اسلام جي لشکر ۽ ڏاهر جي وچ ۾ هڪ وڏي ڇڇ (۳) هئي، جنهن جو لنگهڻ ڏکيو هو: جنهن تي راسل چيو تہ: "شال امير عادل عمادالدين سلامت رهي! هيءَ ڇڇ ٽپڻ گهرجي." آخر راسل ويڙهون هٽ ڪري ٽيهر-ٽيهر مرد لنگهايا، ۽ ٽيٽ پورو لشکر [۱۶۶] ٽپي ويو، ۽ وچ ۾ نقط هڪ خليج وڃي رهي. (اتي) راسل [محمد بن قاسم کي] چيو تہ: "تو کي هڪ منزل مٿي وڃي جيوَر (۴) ۾ ددها واهم (۵) تي، جو راوڙ جو هڪ ڳوٺ آهي، ڪٽمب ڪرڻ گهرجي، جيئن سندس (ڏاهر جي) اڳيان پٺيان اچي سگهين، ۽ سائس جنگ ۾ پڄي پورو پوين، ۽ سندس سازو سامان تي ڪامياب ٿي قبضي ۾ آڻين." محمد بن قاسم انهيءَ صلاح تي پروسو ڪري، وڃي جيوَر ۾ ددها واهم جي ڪناري تي منزل ڪئي.

محمد بن قاسم جو جيوَر جي منزل تي لهڻ.

پوءِ راجا ڏاهر کي خبر ملي تہ محمد بن قاسم، عرب جي لشکر سان، جيوَر ۾ منزل ڪئي آهي. وزير سياکر هڏي چيو تہ: "هاءِ! برو (سوڻ) ٿيو. انهيءَ جاءِ کي جيوَر

(۱) ل،م: ناراني؛ ک: نارامني. (۲) ل،م قاجيجات. (۳) اصل عبارت: آبگيري بزرگ. (۴) فارسي ايڊيشن ۾ "جيپور"؛ ڪيل ترسير لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص [۱۶۰]. (۵) هي پڙهڻي فارسي ايڊيشن ۾ اختيار ڪيل آهي جا شايد م جي آهي. پ: دهاؤر؛ ن: ودهاواهم؛ ب: دهاداه؛ س: دهاوه. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چون ٿا يعني "فتح جي جاءِ" (۱)، ۽ جڏهن لشکر وڃي انهيءَ جاءِ تي پهتو تہ فتح ۽ ڪاميابي سائن همراه رهندي." راجا ڏاهر هن حقيقت کان تنگ ٿيو، ۽ سندس دماغ تي غيرت جي باهہ غالب ٿي، ۽ ڪاوڙجي چيائين تہ: "هڏباريءَ (۲) ۾ لٽو آهي، جا اهڙا جاءِ آهي جتي (رڳو) هڏا پڇندا آهن." "ڏاهر آڻان اٿيو، ۽ پڄي وڃي پاڻ کي راوڙ جي قلعي ۾ سڏيائين، ۽ سندس پوئلڳ، ۽ سازو سامان به انهيءَ قلعي ۾ رهياہ. [هاڻي هو] اهڙيءَ جاءِ تي اچي ويٺو جتان عربن ۽ ڏاهر جي لشکر ۾ (فقط) ڏي ميل (مفاصلو) هو. اتي ڏاهر هڪ نجومي کان پڇيو تہ: "اڄ مون کي لڙائي ڪرڻ گهرجي يا نہ؟ ۽ زهرو ڪٿي آهي؟ هتن ڇڏي لشکرن جي غالب ۽ مغلوب جو حساب ڪري نتيجو معلوم ڪر تہ آخر ڇا ٿيندو." (نجومي جا فيصلا: نجوم جي نتيجي معلوم ڪرڻ کان پوءِ [۱۶۷]، نجومي جواب ڏنو تہ: "حساب جي نقطہ نظر کان غلبو عربن جي لشکر جو آهي، ڇاڪاڻ تہ زهرو هتن جي پٺيان آهي ۽ تنهنجي سامهون." هيءَ ڳالهہ ٻڌي راجا ڏاهر ڪاوڙيو. نجومي چيو "راجا ڪي ڪاوڙجڻ نہ گهرجي: حڪم ڪر تہ زهري جي سوني تصوير ناهيون، جيئن زهرہ تنهنجي پٺيان رهي ۽ تنهنجي فتح ٿئي." پوءِ (زهري جي) صورت ناهي سندس ڪنڌ سان ٻڌائون. محمد بن قاسم (اڃا ٻ) ويڇهو آيو ۽ (هاڻي) هتهي لشکرن جي وچ ۾ اڌ فرسنگ جو مفاصلو رهيو.

---

(۱) اصل عبارت: موضع- ظفر (۲) اصل ۾: هدباري.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻئي ڏينهن جنگ ڪرڻ.

ٻئي ڏينهن اتان، ٻه منزل ٻئي اڇي ٿي سڏن پنڌ ٿي لٿو. جڏهن عربن جو لشڪر ويجهو اچي لٿو، تڏهن ڏاهر پنهنجن راڻن مان هڪ ٽڪر ڪي گهرايو، جنهن کي "جهاهو اڳواڻ" (۱) ڪري سڏيندا هئا، ۽ چياڻيس ته توکي محمد بن قاسم جي سامهون وڃن گهرجي. حڪم جي اشاري تي، ڪاڦو اڳواڻ پنهنجو لشڪر وٺي باهر نڪتو، ۽ اسلام جي لشڪر کي سامهون ٿي جنگ جوڙيائين. صبح جي شروع کان شام جي گذرڻ تائين دليڙ بهادرن ۽ مردن ٻنهي طرفن کان جهڙ ٻوڻن ڏٺيون: ٽيٽ جڏهن ٽڪا تڏهن موٽي ويا.

ٽئين ڏينهن ڏاهر جي عربن سان جنگ ڪرڻ.

ٻئي ڏينهن ڏاهر لعين، جاهن کي حڪم ڪيو. هو بهادر مرد هو، باهر نڪري لڙائي شروع ڪيائين، تان جو ڪسي ويو. آخر جڏهن [اها حالت ٿي جو] جيڪا به فوج [۱۶۸] ٿي موڪليائين سا اسلام جي (لشڪر جي)

---

(۱) اصل الفاظ "دبير ڪور" جنهن جي لفظي معنيٰ ٿيندي "انڌو دبير" مگر هيٺ هلي ان کي "دبير آعور" يعني ڪاڦو دبير سڏيو ويو آهي. جنهن جي معنيٰ ته انڌو ڪونه هو، مگر جهاهو هو. "دبير" جي عام معنيٰ "منشي" يا سيڪريٽري، مگر اهو درجو وزير يا صلاحڪار جي برابر هو. هت اسان هن بيان جي سلسلي ۾ عام مفهوم کي مدنظر رکي، هن لفظ جو ترجمو "اڳواڻ" ڪيو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خونخوار ترار جو لقمو ٿي، تڏهين سياڪر وزير، اڳيان اچي خدمت بجا آڻي عرض ڪيو: "اي راجا! هيءَ رَوَش جنهن سان تون جنگ ٿو ڪرين غلطي آهي. تو ڪان ڪئين دفعا غلطيون ٿيون آهن، پر اڄا به تجربو نٿو پرائين. اگرچ انساني تدبير خدائي تدبير سان برابر نه ٿيندي، تاهم وقت جي بادشاهن جي بلند راءِ جي آڏو ڪو ڇوٽڪاري جو رستو تيار ڪري پهريائين ته جڏهن هي عربن جو لشڪر مهراڻ پار ڪري رهيو هو، ۽ ڇُلنگيون ڇُلنگيون ٿي پئي لنگهيا، تڏهن ٽوڪي هنن جي سامهون ٿيڻ گهربو هو، جيئن ڪين هيءَ جنگ ڪان ڊپ ٿئي ها. هاڻي جڏهن گڏ ٿي مقابلي لاءِ آيا آهن، ۽ جنهن به ٽڪر ڪي سوڪلين ٿو، سو مات ٿو ٿئي، تڏهن اها گهاڻهه چگي نه آهي. (هاڻي) تولاءِ چگو ائين ٿيندو ته ساري لشڪر ۽ نوڪرن، پيادن خواه سوارن، سان هاڻيءَ تي (چڙهي) سڀ حملو ڪر. جيڪڏهن ٽوڪي فتح نصيب ٿي ته پوءِ ته تنهنجي مراد حاصل ٿي ۽ تنهنجو دشمن دفع ٿي ويندو. هيءَ صورت ۾ هو غالب ٿيندا ۽ تون پاڙيسري بادشاهن جي شرم ڪان معذور رهندين، ۽ تنهنجي پٺن ۽ پوين ڪي به ڪوبه طعنو نه لڳندو." ڏاهر هيءَ گهاڻهه قبول ڪئي.

چوٽين ڏينهن جي جنگ.

ٻئي ڏينهن سندس حڪم ٿي جنگ جو نغارو وڄائي، جهنڊو ڪڍو ڪيائون، ۽ اڪل پنج هزار نالبرا سوار ۽ چالاڪ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جنگي جوان ۽ شهزادا، سٹ [۱۶۹] مست هاڻي- کي چون ٿا تہ جنگي هاڻي هک سؤ هٹا- ۽ ويهہ هـزار زرهن ۽ ڍالن سميت پيادا جنگ لاءِ سندس اڳيان روانا ٿيا پاڻ هک مست هاڻيءَ تي پالکي ٻڌي، لوهو برگستوان وڇهي، زرهہ ڍکي، ۽ کمان تي زهہ چاڙهي ويٺو. سائس گڏ پالکيءَ ۾ ٻہ ٻانهون هيون: هڪڙيءَ کيس هکٻئي پويان تير ٽي ڏنا ۽ ٻيءَ پان ٽي پهچايو.

ڏاهر جو محمد عِلافيءَ کي پنهنجي پٽ جيسينہ سان گڏ موکلڻ.

پوءِ (هک پاسي) پاڻ لشکر وٺي هليو، ۽ (ٻئي پاسي) پٽ کي ڏار ڪري چيائين تہ: "محمد عِلافيءَ کي تو سان گڏ روانو ٿو ڪريان. عربن جي جنگ کي هو بهتر ٿو ڄاڻي. هو جيئن ٻہ اڳتي وڌن يا پٺتي هٽن جو حڪم ڪري، تون سندس حڪم ۽ اشاري جو پابند رهج." اهـو ڏينهن ڏاڻين رمضان، سنہ ٽيانوي هجري هو.

ڏاهر جي پهچڻ وقت، محمد بن قاسم مسلمانن جـي دلين کي تقويت ۽ جنگ جي ترغيب ڏيئي رهيو هو، ۽ چيائين ٿي: "اي عربو! اڄ کوشش جـو ڏينهن آهـي. اسلام خاطر کوشش ڪريو. جدوجهد بجا آڻيو، ۽ خـدا جي پروسي تي آسرو ۽ قوت رکو تـہ جيئن مشرکن کي دفع ڪري سگهو، ۽ سندن ملڪ خواه ملڪيت توهان جي ورثي ۾ اچي ۽ مال خواهہ ملڪ تي توهان قبضو ڪريو. [پر] جيڪڏهن توهان مضبوط نـہ هوندا، ٻاڪ پريشان ۽

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دل شڪستا ٿيندا، ۽ عاجزيءَ ۽ ضعيف کي پاڻ وٽ اچڻ ڏيندا ته پوءِ هو (توهان تي) غالب ٿيندا، ۽ سيني کي کهي ڇڏيندا. ميدان انهن جي هٿن ۾ رهندو. توهان کي پنهنجو ساڻ ڏيڻو ٿيندو، [١٧٠] ۽ توهان مان هڪڙي کي به جيئرو نه ڇڏيندا. جيڪڏهن ڪافرن کان منهن ڦيرائيندا ته پوءِ توهان جي جاءِ جهنم ٿيندي ۽ توهان جي وڏن لاءِ داغ ٿيندو."

هاڻي مُحَرِّزُ بن ثابت الدمشقي (١) ۽ اويس بن قيس کي ڇهن هزارن سوارن سان مقدمي (لشکر جي اڳ) تي مقرر ڪري، آبگير (ڇچ) ٽپڻ جو حڪم ڏنائين. هو اها جوڙي [يعني وهندي يا گهاري يا واهه] ٽپي ويا جيڪا ڏاهر ۽ اسلام جي لشکر جي وچ ۾ هئي. پوءِ عَطاءُ بن مالک القَيْسي ۽ ذَکْوان بن عَلْقوان البَکْري کي پنج لشکر جي مقدمه (مهڙ) جي واهر ڪرڻ جي اجازت ڏنائين. اهي پئي لنگهي ويا. (اتي) محمد عِلافيءَ ڏاهر کي چيو: "اي هند ۽ سنڌ جا راجا! هيءَ فوج جيڪا تنهنجي سامهون آئي آهي، لشکر جي پشت پناهه ۽ بهادر شينهن آهن: حرفتي جانباز، ڪارائتا بهادر، ۽ هوشيار سوار اهي ئي آهن. جيڪڏهن [تنهنجا سپاهي] هن فوج کي دفع ڪري سگهيا ته پوءِ تنهنجو مقصد پورو ٿيندو؛ ۽ جيڪڏهن دفع نه ڪري سگهندو ته پوءِ توکي شڪست ڏيئي ڇڏيندا. (وڏيڪ) تنهنجي راءِ بلند هجي!"

---

(١) هت جملي نسخن مطابق "الدمشقي" يا "دمشقي" آهي، مگر متي ص [١٦٠] تي جملي نسخن مطابق "قيسي" آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چوٽين ڏينهن ڏاهر جي عربن جي لشکر سان جنگ ڪرڻ.

اها گالهه ٻڌي ڏاهر پوري لشکر سان هلان ڪئي. ڪي هاٿي مقدم ۾ روانا ڪري، قلب (لشکر جي وچ) ڪي پنهنجي چٽني طرفن کان گڏ ڪيائين. هٿيار ڪٽندڙ پيادا، تير انداز، ٻڍڻون ۽ نيمچا ـ لوهو ـ دستو جنهن کي (فارسيء ۾) سيل به چوندا آهن ـ ڪٽندڙ اڳيان (ڪيائين)؛ تير انداز ساڄي، ۽ هٿيار بند قابل سوار کاٻي (ٻيهاريائين). هن طريقي سان جنگ جوٽياڻون ته [۱۷۱] عُبَيْدَہ بن عَتّاب، جو انهي ڏينهن محمد عيلافيء کان ڦري محمد بن قاسم وٽ آيو هو، خبر ڏني ته: محمد عيلافي ڏاهر کي چيو آهي ته عرب جا هيءُ فوج وارا، جي پاڻي ٽپي آيا آهن، سي اسلامي لشکر جا اڳواڻ ۽ هوشيار سوار آهن؛ جنهن تي ڏاهر پنهنجي لشکر کي وڏڻ جو حڪم ڏنو آهي، ۽ سندس سيني هٿيار بندن ۽ تلوار بازن وڏڻ جو ارادو ڪيو آهي. (هيءُ ٻڌي) محمد بن قاسم، چونڊ لشکر کي اڳتي وڏڻ جو حڪم ڏنو، جنهن تي سيني جنگي سوارن ۽ جنگجو بهادرن (گهوڙا) اڳتي ٽڙيا. محمد (بن قاسم) سان فقط قلب (لشکر جو وچ) ۽ کي خاص ماڻهو وڃي رهيا. سوکي [پٺ] وساڻي کي پٺ پنهنجي فوج ۾ ٻيهاري، لڙائي ڏانهن رخ ڪيائين. هاٿي سيني پاڻي لنگهي وڃي جنگ جوڙي. محمد بن قاسم، مُحَرِّز بن ثابت سان گڏ، قلب (وچ لشکر) ۾ وڃي ٻيلو جَهْم بن زَحْر الجُعْفي کي مَيْمَنه (لشکر جي ساڄي) ۾،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ذَكْوان بن عَلْوان اَلْبَكري کي ميسْرَه (لشکر جي کاهي) تي، عَطاء بن مالک القَيْسيءَ کي مقدمه (لشکر جي مهڙ) تي مقرر ڪري، نُباته بن حَنْظَلَه^ کي ساڪ (لشکر جي پڇاڙي) تي ٻيهاريائين. تنهن کان پوءِ محمد بن قاسم چيو تہ: "اي عربو! جيڪڏهن مون تي ڪو حادثو پيش اچي تہ پوءِ توهان جو امير مُحْرِز^ بن ثابت آهي: ۽ جيڪڏهن اهو به شهيد ٿي وڃي تہ پوءِ اوهان جو امير سَعِيْد ٿيندو."

خميس جي ڏينهن جنگ ڪرڻ.

پهريائين مُحْرِز^ حملو ڪيو ۽ ٻيهي جنگ ڪيائين، تان جو شهيد ٿي ويو. پوءِ سَعِيْد لشکر کي همٿ ڏياري لڙائي ڪندي. حسن بن محبّة (۱) البکريءَ جو آڻوٽو جنگ هلندي ترار جي ڏڪ سان لهي پيو. جڏهن مست هاٿي چُريا، تڏهن مسلمان مضبوطيءَ سان، ٽولا ٽولا ٿي هاٿين جي پويان ڦري آيا، ۽ نوڙ هاٿي [۱۷۲] واپس ورائي ڇڏيائون. اسلامي لشکر حملو ڪري، ڪافرن کي ڌڑي اتي پهچايو جتي سندن صف هئي. (اتي) ڏينهن پورو ٿيو ۽ ٻيئي لشکر موڪي ويا.

---

(۱) فارسي ايڊيشن جي پڙهڻ مطابق "محبة"، پ: محبته. (ن ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تاريخ ڏهين ماهه رمضان سنه ٽيانوي.

هنن ڪنوارين (حڪايتن) جي سينگاريندڙن هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: ٻئي ڏينهن جڏهن صبح (پنهنجو) جهان کي سينگاريندڙ ۽ دل کي وٺندڙ حسن، مشرق جي طرف کان دنيا کي ڏيکاريو ـ ۽ اهو خميس جو ڏينهن هو. تڏهن راجا ڏاهر باهر نڪري، پٽ جيسينهه کي ڏهن هزارن لوهه [جي زرهن] ۾ غرق جنگي سوارن سان، جن سان کن جا وار ڪليل ۽ گرارين اگهاڙيون ۽ کن جا وار ٻڌل ۽ ترارين ۽ ڍالون هٿن ۾ [هيون، لشڪر جي] قلب ۾ (بيهاري) اڳي مسلمانن جي صف جي سامهون ٻيٽو. ڏاهر سفيد هاٿيءَ تي ويٺل هو، ۽ سندس چوڏاري ٻيا هاٿي پويان [بيٺل هٿا] : ساڄي پاسي جيسينهه، ابي پٽ ارجن (۱)، ننڍي ڪوا جو ڏاڏو روڏو ڪوار ۽ ڏاهر جو سوٽ جبين (۲)؛ کاٻي پاسي کان بشر پٽ ڏول (۳)،

---

(۱) ل، م: "ارجن"؛ مگر پ،ن،ب،ح،س جي پڙهڻي "احسن" آهي جا غالباً "احسن" جي غلط صورتخطي آهي. (ن-ب) (۲) فارسي ايڊيشن ۾ "جبين" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي ۽ ل،ن جي ۾ اها ساڳي پڙهڻي آهي. پ: حسين (جسين؟)، ڪ: جيسي. (ن-ب) (۳) فارسي متن ۾ غالباً پ مطابق "هول" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي؛ ن جي پڙهڻي ۾ "هول" آهي. ل، م جي پڙهڻي "هول" جي بدران "دهول" آهي جا غالباً سنڌي جي آڳاڻي نالي "ڏول" جي عربي صورت آهي؛ ۽ اسان انهيءَ کي زياده قرين قياس سمجهي ترجمي ۾ ڏول رکيو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گيهه (۱) پت بشر ، ڏهرسينڌ پٽ ڏاهر ، ڪنبه جي حاڪم جو پٽ بيل (يا بيان) ، نائلو (۳) ، جوڏو (۴) ۽ مشبد (يا مشيبد) (۵) [بيئل هٿا] ؛ سڌ جا سپ

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ "قنبه بن بشر"، مگر "قنيبه" هڪ ٻ خالص عربي نالو آهي ۽ ٻيو ٽ اها پڙهڻي ڪنهن ٻ معتبر نسخي ۾ ڏنل ڪانهي ۽ غالباً ايڊيٽر جو پنهنجو قياس آهي. ل، م، ن، ح، جي متفق پڙهڻي "قيه" آهي ۽ پ جي پڙهڻي "تبد" آهي، جا ٻڌ غالباً اصل ۾ "قيه" هئي. مُعرب ۽ دخيل لفظن جي لحاظ سان "قبه" صاف طور "گيه" جي عربي صورت آهي. (ن-ب) (۲ فارسي ايڊيشن مطابق "بيل صاحب- ڪنبه" جنهن جو ترجمو ٿيندو "ڪنبه جو حاڪم بيل." مگر هن ڪان اڳ ڪٿي ڪنبه جي حاڪم جو نالو "بيل" ڏنل ڪونهي؛ مٿي ص [۱۶۲] تي ڪنبه جي حاڪم جو نالو "ڪوڪو پٽ موڪو" ڏنل آهي جو ڏاهر جو حامي هو. انهيءَ لحاظ سان قديم نسخن پ ۽ ر جون پڙهڻيون زياده قرين قياس آهن. پ: "بيان بن صاحب ڪنبه"، ر: "بيل صاحب ڪنبه"- يعني ڪنبه جي حاڪم جو پٽ بيل يا بيان. (ن-ب)، (۳) ڪ: نايل- مگر هن جملي نسخن مطابق "نائله" يا "نايله". اسان سنڌي اچار جي لحاظ سان "نائلو" ڪري لکيو آهي. (ن-ب) (۴) جملي نسخن مطابق "جونيه". اسان سنڌي اچار مطابق "جوڻو" ڪري لکيو آهي. [۵] فارسي ايڊيشن ۾ ايڊيٽر هي نالو "جتهل ڪري لکيو آهي جنهن لاءِ سندس قول مطابق، ڪابه سند موجود ڪانهي (ڏسو فارسي ايڊيشن، حاشيه ۴، ص ۱۷۳). مختلف نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن. پ، ڪ: مشيد؛ ن، ح: مشيبد؛ م: مستهل؛ ر: مستهيل. اسان پ، ڪ، ن، ح جي پڙهڻين کي وزن ڏنو آهي؛ ن جي پڙهڻي صاف طرح "مشيبد" آهي ۽ ان جي آخر ۾ "بد" اکثر هندستان جي معرب نالن ۾ آيل آهي مثلاً اربد، ارجبد وغيره. غالباً پ جي پڙهڻي ۾ اصل ۾ "مشبد" آهي. انهيءَ لحاظ سان اسان هن نالي جون ٻئي صورتون يعني مشبد ۽ مشيبد ڏنيون آهن. "بد" غالباً پٽ جي عربي صورت آهي. [ن-ب]

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چيدا ماڻهو جهڙوڪ بجهاري (۱)، اسرهيل (۲)، سنج (۳)، اسيار (۴) لڳيا امار (۵) ۽ مشرق طرف جا سڀ جت گڏ ڪري پنهنجي پويان ٻيهاريا هئائين، تلوار جا ڏڻي ۽ بي‌خوف بهادر [۱۷۳] قلب (لشڪر جي وچ) جي اڳيان رکيائين. جنگي هاڻين مان ٻ، ميمنه (لشڪر جي ڪاهي ٻاڳي) ٻ ۽ ٻ ميسره (لشڪر جي ساڄي ٻاڳي) ٻ مقرر ڪري باقي ٻيا سوار ۽ هاڻي جاهين جي هٿ هيٺ اسلامي لشڪر جي سامهون روانا ڪيائين.

---

(۱) هي، پڙهڻي فارسي ايڊيشن ٻ غالباً ٻ مطابق آهي ۽ زياده قرين قياس آهي. پ: بحاري؛ ر: بخهاري؛ ن،ب،ح: بخياري؛ س، ڪ: بختياري- هي جملي پڙهڻيون "بجهاري" جي بگڙيل صورتخطي معلوم ٿين ٿيون. (ن-ب) (۲) فارسي ايڊيشن ٻ "استيراهل" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي جا شايد ٻ مطابق آهي. ٻين نسخن جون پڙهڻيون هن طرح آهن. پ: اسرهيل؛ ن، ب، ح: اسراهيل، س، ڪ: سراهيل، ر: استراهيل جيئن ته نالي جي اصليت جو پتو نٿو پنجي سگهي، اسان قديم نسخي پ جي پڙهڻي کي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب) (۳) ن،ب،ح، س، ڪ جي متفق پڙهڻي اها آهي ۽ فارسي ايڊيشن ٻ ۽ اهائي پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. پ ("سنح") ۽ ر،م ("سينج") جون پڙهڻيون بعيد از قياس آهن. (ن-ب) (۴) فارسي ايڊيشن ٻ "اسيار" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي، جا غالباً م،ڪ مطابق آهي. ر جي پڙهڻي "اسيٽار" آهي ۽ اسان انهيءَ کي ترجيح ڏني آهي. ن،ب،ح: اسبار، پ: اسباب. (ن-ب). (۵) فارسي ايڊيشن ٻ اها پڙهڻي اختيار ڪيل آهي جا غالباً ٻ مطابق آهي؛ ر جي اها ساڳي پڙهڻي آهي. پ،ن: لقيالبا؛ ب،ح: تعيالبا، ڪ: لقيالها (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اسلامي لشڪر جو ميمنه، ميسره ۽ قلب کي تيار ڪرڻ.

محمد بن قاسم انهن کي ڏسي باهر نڪتو، ۽ [نُباته] حَنْظله ڪلابيءَ (۱) کي ميمنه تي، ذڪوان بن علوان البڪريءَ کي ميسره تي مقرر ڪري، ابو صابر همداني کي جهنڊا هٿ ۾ ڏيئي، هاڻين جي سامهون بيهاريائين. هُذَيْل بن سليمان ازدي، زياد بن حواري ازدي (۲) ۽ بين سوارن جي هڪ ٽُڪڙيَ، مسعود بن الشعري الڪلبي ۽ مخارق بن ڪعب الراسيءَ (۳) کي قلب ۾ آڏو (ڪڙو ڪيائين). هاڻي مقدم جنگ شروع ٿي. هڪ طرف کان محمد بن زياد العبدي ۽ بشر بن عطيه پنهنجن سنگتين سميت، ۽ ٻئي طرف کان [محمد بن] مصعب بن عبدالرحمان الثقفي ۽ خُرَيْم بن عُرْوَه مدني، ڏاهر جي سامهون

---

(۱) اصل ۾ "حنظله ڪلابي" جو صحيح نه آهي. محمد بن قاسم جي لشڪر ۾ حنظله نه، مگر سندس پٽ نباته بن حنظله ڪلابي شامل هو، جنهن جو هن ڪان اڳ هار هار ذڪر اچي چڪو آهي. (ن-ب) (۲) فارسي ايڊيشن ۾ "زياد بن جلبدي ازدي" ڏنل آهي، ن ۽ ر جي پڙهڻي "زياد بن جليدي و ازدي" آهي. "جليدي" نالو عربن ۾ غير معروف آهي، مگر "جَلَندِيٰ" نالو رائج آهي. اسانجي خيال ۾ "جليدي"، "جلنديٰ" جي تصحيف آهي ۽ انهيءَ ڪري اسان "جلنديٰ" لکيو آهي. (ن-ب) (۳) جملي نسخن مطابق "مخارق بن ڪعب"، فارسي ايڊيشن ۾ ۽ اسانجي پڙهڻي ڏنل آهي، مگر صحيح نالو غالباً ڪعب بن مخارق الراسي يا الراسبي آهي: جنهن جو ذڪر هيٺ [ص ص ۱۸۸، ۱۹۲، ۱۹۳ ۽ ۱۹۵] تي اچي ٿو. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٽيا. جڏهن سڀ گهوڙا ۽ لشکر جا ماڻهو گڏ ٿيا تڏهن محمد بن قاسم پنهنجن چونڊ سوارن کي ٽي پٽيون ڪري، هڪ پٽي قلب ۾، هڪ ميمنه ۾، ۽ هڪ پٽي ميسره ۾ (ٻيهاري): باقي ٻيا وڃي لشکر جي پويان ٻيڙا. نفط اندازن (۱) کي حڪم ڏنائين تہ پنهنجو ساسان ۽ هٿيار تيار رکن، ۽ پنهنجا مشعل هاري باهہ تيار کن. هنن نون سون نفط اندازن کي ٻہ ٽن ٻاڪن ۾ ورهايائين: ٽي سؤ ماڻهو قلب ۾، ٽي سؤ ميمنه ۾ ۽ ٽي سؤ ميسره ۾ رکيائين. سڀني نفط جا تير ڪمانن تي چاڙهيا. پوءِ جڏهن فجر جي نماز پڙهي صفون سڌيون ڪيائون، تڏهن پنجن صفن تيار ٿي، جهنڊا هٿن ۾ ڪڍي، [۱۷۴] گهوڙن تي سوار ٿي، فرض ادا ڪيو. عالیم قبيلي وارا هڪ صف، بنو تميم ٻي صف، بڪر [بن] وائل [قبيلي وارا] ٽين صف، عبدالقيس وارا پنهنجي قبيلي سميت چوٿين صف، ۽ ازد [قبيلي جا] پنجين صف: پنجئي قبيلا صفون ٻڌي، محمد بن قاسم ڏانهن متوجهہ ٿيا تہ ڇا ٿو حڪم فرمائي.

محمد بن قاسم جو خطاب ڪرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم چيو تہ: "اي عرب وارؤ! ڪافرن جي هن فوج جنگ لاءِ اسان ڏانهن رخ ڪيو آهي. تنهنڪري همت ڪجؤ، ڇاڪاڻ تہ اهي پنهنجي اهل، عيال، مال،

---

(۱) "نفط انداز" جي معنيٰ Steingass پنهنجي انگريزي فارسي ڊڪشنري ۾ "Maker of fire Works" لکي ٿو. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گهرن، زمين ۽ سامان خاطر جتي جنگ ڪندا. تنهن الله تعالي جي مدد سان انهن تي حملو ڪيو. الاهي طاقت ۽ سهاري سان سيني کي خونخوار ترار جي خوراڪ ڪري، ذليل ۽ خوار خراب ڪنداسون، ۽ سندن مال ۽ مٽيال کي هٿ ڪري، ڪافي غنيمتون هٿ ڪنداسون. تنهنڪري ثابت قدر رهڻ گهرجي. پريشان نه ٿجو. خاموشيءَ کي پنهنجو زيور بنائجو، ۽ پنهنجي جاء تي مضبوط رهي پنهنجي جاء جي حفاظت ڪجو. ڪوبه ماڻهو، قلب کان مَيْمَنَه ۽ ميمنه کان مَيْسَرَه طرف (وڏي) ڪنهن جي به مدد ۽ مشغول نه ٿئي. هرهڪ پنهنجي مرڪز ۽ جڳهه تي ٻڌو رهي؛ چاڪاڻ ته خدا عزوجل (هميشه) متقين جي عاقبت موچاري ڪندو آهي. سدائين ڪلام مجيد زبان تي جاري رکجو. ۽ لَاحَوْلَ وَلَا قُوَّةَ اِلَّا بِاللّٰهِ الْعَلِيِّ الْعَظِيْمِ چوندا رهجو. پوءِ پخالين کي سڏائي چيائين ته: مشڪون پاڻيءَ سان پري هر صف ۾ گشت ڪندا ۽ پاڻي ڏيندا رهجو، جيئن ڪوبه ماڻهو پاڻيءَ جي طلب ۾ پنهنجي جاء کان [۱۷۵] نه چري." ابتري ۾ بڪر بن وائل ۽ بنو تميم قبيلي وارن اچي چيو ته: "ڪافرن جو لشڪر هڪ وڏي مصيبت آهي، ۽ هو پنهنجا هٿيار ۽ سامان ٺاهي جنگ جي تياري ڪري خوشي ڪري رهيا آهن، ۽ توهان جي سامهون ٿين ۽ توهان کي ڪڙي طلب ڪئي اٿن."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو جنگي جوانن کي تاکيد

محمد بن قاسم هنن ڏانهن منهن ڪري چيو تہ: "اي بني تميم! اي عزيزو! (۱) دشمن توهان جي سامهون اچي ظاهر ٿيو آهي، ۽ لڙائي لاءِ تيار ٿيو ٿو اچي. توهان کي پڻ پوري طاقت ۽ ساري کوشش سان جدوجهد ڪرڻ گهرجي، جيئن توهان جي ڪاروبار جو نظام ٺيڪ رهي." پوء محمد بن قاسم سيني کي همت ڏياري ۽ سيڀي آماده ۽ تيار ٿياء. هر طرف کان مقابلو ڪندڙن لاءِ دلاورن ۽ جنگي پهلوانن جي پنجن ٽي صفن هڪٻئي کي سڌيو، ۽ جنگ لاءِ باهر نڪتيون.

محمد بن قاسم جو يارن کي خطاب ڪرڻ.

خبرن جي مصنفن **فرقد** کان هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: محمد بن قاسم انهيءَ ڏينهن ماڻهن کي خطاب ڪيو تہ: "اي مسلمانو! استغفار گهڻو ڪريو. خداوند عزوجل امت محمدي صلي الله عليه وآله وسلم ۾ ڇهزون موڪليون آهن: هڪ، مصطفيٰ صلي الله عليه وآله والسلام تي صلواة: ٻيو،

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ "اي بني عزيز!" جا غالباً ۾ جي پڙهي آهي، مگر ان وقت ۾ بنو عزيز قبيلو غير معلوم آهي ر جي پڙهي "اي بني عزيز" [عَزِيْز] آهي. مگر پ جهڙي قديم نسخي ۾ توڙي ن، ب ۾ "اي عزيز!" آهي يعني "اي عزيزو" جيئن تہ بنو تميم قبيلي وارا واقعي محمد بن قاسم جا عزيز هٿا ۽ شادي ۾ ان قبيلي مان ڪئي هٿائين، تنهنڪري اسان ترجمي ۾ "اي عزيزو!" کي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گناهن کان استغفار سان توهان کي دليون مضبوط ڪرڻ گهرجن، تہ خدا عزوجل توهان کي انهيءَ تي غالب ڪري" [١٧٦].

روايتن ۾ آهي تہ جڏهن محمد بن قاسم جنگ شروع ڪئي، تہ [سليمان بن] نُبهان ۽ ابو نَضّة قُشَيْرِيُّ (؟) ڪِنْدِيُّ (قبيلي جي) آزاد ڪيل غلام کي ٻہ سؤ چونڊ سوار ساڻ ڏيئي لشکر جي مقدمہ ۾ مقرر ڪيو، ۽ [هو وڃي] ڏاهر، سندس ٽڪُرن ۽ جنگي جوڌن جي ساهون ٿيو، ۽ ڪافرن جي هڪ فوج سان، جا هن سان وڙهڻ لاءِ ٻاهر نڪتي هئي، جنگ جوليائين. نيٺ انهن سان گهٽن کي دوزخ ۾ موڪليائين، ۽ ٻيا پڄي وڃي ڏاهر کي گڏيا. پوءِ ڏاهر انهن جي مقابلي ۾ ٻي فوج موڪلي. ابو فيضّة خدا جو نالو وٺي حملو ڪري، انهن کي ٻڌ خوار خراب ڪيو. [ڏاهر] ٽيون دفعو کي ٽڪُر موڪليا: ابُو فيضّة استغفار پڙهي جنگ شروع ڪئي، ۽ انهن کي ٻڌ ڏاهر جي ڪئمپ تائين ڏکيندو ۽ ماريندو وڌو.

ڪن ماڻهن جو امان گهرڻ لاءِ اچڻ.

خبرن جا راوي بيان ڪا ڪن تہ (جڏهين) محمد بن قاسم صنب جي اڳيان آيو تہ اوچتو مشرڪن مان ڪن ماڻهن اچي امان گهري. محمد بن قاسم انهن کي امان ڏني. پوءِ چياڻون: "اي عادل اميرا! اسان پنهنجي طريقي کان ڦري اسلام جي عزت هيٺ آيا آهيون. پنهنجي چونڊ سوارن مان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هڪ فوج اسان سان ڏي ته وڃون، جو هو غافل آهن، ۽ لشڪر جي پٺيان ڦري اچون، جيئن انهيءَ پاسي کان سندن دل پريشان ٿئي ۽ پڇتا ٿي پون، جڏهن پريشان ٿين ته پوء اسلامي لشڪر کي چوطرف حملي ڪرڻ جو حڪم ڏي. اسان جي دل شاهدي ٿي ڏئي ته تنهنجي ترار کان هنن ڪافرن تي هڪ مصيبت اچي ڪڙڪندي ۽ برباد ٿي ويندا" [۱۷۷].

محمد بن قاسم جو همراهه چونڊڻ.

پوء محمد بن قاسم بهادر سوارن جي هڪ فوج چونڊي، مَرْوان بن اَشْحَم يَمْنِي ۽ تميم بن زيد قَيْنِي (۱) کي ۽ جهنڊن سان انهن جي شان مقرر ڪيو، جيڪي هنن جي پٺيان ڦري آيا. مشرڪ هن حال کان بيخبر هئا ته (اوچتو) اسلامي لشڪر تڪبير هڻي مارا ماري ۽ جهاد شروع ڪيو. [اهو حال ڏسي] ڪن ڪافرن جي دل پوين کي سنياڻ لڳي ۽ وٺي ڀڳا. ڪافر جي لشڪر ۾ شور ۽ غلغلو پنجي ويو، جنهنڪري پريشان ٿيا، ۽ مٿن دپ غالب ٿيو.

عرب جي لشڪر جو ڪافرن تي حملو ڪرڻ.

پوء محمد بن قاسم نعرو هڻي چيو ته: "هوشيار! اي عرب جا لشڪر! ڪافر ۽ن حصن ۾ ورهائجي چڪا آهن:

---

(۱) هتي اصل متن ۾ "قيسي" آهي، کيل تصحيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [۱۷۸].

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

توهان حملو ڪريو." اسلامي لشڪر سندن اڳيان، ساڃي، ڪاهي ۽ پليان ڦري آيو. محمد بن قاسم کين لڙائي جو جوش ڏيارينديِ چئي رهيو هو تہ: "اڄ توهان جـو ڏينهن آهي." آخر ڪٽلن ڪافرن جا ڏير لڳي ويا. اتـي ڏاهر ڏال ڪٽي سفيد هاڻيءَ تي ٽي ويڻو، ۽ چار سؤ مـرد لوهي هٿيارن ۾ ٻڌل، ڪچين ۽ ترارون ۽ هٿن ۾ (۱) نيمچا لوهہ جـا دستا (۱) جنهن کي هندو "سيل" چوندا آهن ڪٽي اهڙيءَ حالت ۾ باهر نڪتا ۽ جنگ ڪرڻ لڳا. انهيءَ حـد تائين جو سندن هٿن جـون ڪاون لهي ويون. ڏاهر جي هٿ ۾ آڻيءِ جهڙو نڪين ڪاتين سـان هڪ گـول چڪرو هو. جڏهن به هاڻيءَ حملو ٽي ڪيو. تڏهن جيڪو به هاڻيءَ جي ويجهو ٽي آيو تہ اهو چڪرو ڪمند وانـگيان وڃهي ڪيس پاڻ ڏانهن ڇڪي پيادي خواه سوار جي سسي ڏڙ ڪان ڌار ڪري ٽي ڇڏيائين. ۽ هانهيون جيڪي سـاڻس گـڏ [۱۸۷] پالڪيءَ ۾ ويڻل هيون، تن مـان هڪڙيءَ ڪيس پان ٽـي ڏنو ۽ پيءَ تير ٽي ڏنا. اهڙيءَ طرح جنگ لاڳيتي هلندي رهي، ۽ شام جي نماز تائين گهٽا مشرڪ ڪسي ويا.

شجاع حبشيءَ جو شهيد ٿيڻ.

ڪالهہ جي راوين رام سبهہ برهمن کان هن طرح روايت ڪئي آهي تہ: مسلمانن ۾ هڪ ماڻهو هو جنهن کي شجاع

---

(۱)-(۱) هن جاءِ تي متن ۾ "نيم نيزه و دستہ آهن" آهي. اهو "و" غلط آهي. ڇاڪاڻ تہ "دستہ آهن الخ" نيم نيزه جي شرح آهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حبشي ڪري ٿي سڏيائون: هو بهادريءَ ۽ همت جي حد ٿپي ويو هو ۽ لڙائيءَ جي صف ۾ وڏا ڪارناما ڏيکاريائين.
(هن) محمد بن قاسم جي اڳيان سخت قسم ڪنيو تہ: "جيستائين ڏاهر جي سامهون ٿي سندس هاڻيءَ کي زخم نہ رسائيندس تيستائين ماني پاڻي نہ کائيندس، ۽ جيستائين منهنجي بدن ۾ جان هوندي، لڙندو رهندس، نہ تہ شهيد ٿيندس.

(ڏاهر جي [شجاع] حبشيءَ سان جنگ ڪرڻ:)
خميس جو ڏينهن، تاريخ ڏهين رمضان، سنہ ٽيانوي هو. ڏاهر سفيد هاڻيءَ تي چڙهي باهر نڪري اچي بيٺو. حبشي مشڪي گهوڙي تي سوار هو. اڳتي وڌي لڙائي شروع ڪيائين. ڏاهر کي ٻڌايائون تہ: تو سان جنگ ڪرڻ ٿو اچي. راجا ڏاهر ساڻس سامهون ٿيو، ۽ هاڻي مٿس هڪليائين. حبشيءَ پڻ گهوڙو نڙي هاڻيءَ جي اڳيان آندو. حبشيءَ جو گهوڙو هاڻيءَ کان ٿپي پاسو ڪري رهيو هو. هڪدم مٿي تان پڳ لاهي، گهوڙي جون اکيون ٻڌي، هاڻيءَ تي ڪاهيائين، ۽ هاڻيءَ جي سونڈ تي زخم رسايائين.
(هوڏانهن) راجا ڏاهر ٻہ ڪنڇيءَ جهڙو دوشاخو تير، ڪمان تي رکي، پنهنجي مخصوص استاديءَ ۽ ڏاهپ سان ڇڪي هنيو، ۽ هن جو سر ڪاهن کان اڏائي ڇڏيائين، باقي هن جو ڏڙ گهوڙي تي رهجي ويو. اتي ڏاهر چيو: "هيءَ ڏک اڻاڻتو ٿيو آهي. ڏسو تہ هن حبشيءَ کي ڪيئن قتل ڪيو اٿم." بهادرن اڳتي وڌي (ڏٺو تہ) سندس جسم هني تي [۱۷۹] رکيل هو. اتي مشرڪن حملو ڪري، پير کوڙي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جنگ ڪئي، ۽ پاسن کان ڦري آيا، جنهنڪري اسلامي لشڪر [ٿورو] لڏي ويو، ۽ صفون هيٺ مٿي ٿي ويون، جنهن تي ڪافرن سمجهيو ته لشڪر پڄي ويو. ماڻهو دهشت ۽ حيرت ۾ پڄي وياء. محمد بن قاسم اهڙو مدهوش ٿي وڃو جو ساڻي غلام کي چيائين: "آطْعِمني الْماءَ" (مون کي پاڻي ڪاراء). پاڻي پيي، ساهه پٽي، پڙهو ڏياريائين ته: "اي عربو! توهان جو امير محمد بن قاسم اجهو آءُ آهيان. ڪاڏي ٿا پجو؟. ڀالون، ڪٽو، صبر ڪريو: ڇاڪاڻ تہ، ڪافر شڪست ڪائي چڪا آهن، ۽ فتح اسان جي آهي." انهيءَ تي سموري لشڪر اچي گڏ ٿيو. موڪو [پٺ] وساپو [پڻ] سامهون اچي پنهنجي ساڻي لشڪر سميت پيادو ٿيو.

محمد بن قاسم جو ساٿين کي سڏڻ.

پوء، محمد بن قاسم پڪاريو ته: "خُزَيْم [بن] عَمْرو سَدني ڪٿي آهي؟ ڪٿي ذُهْلي، [محمد بن] مُصْعَب بن عبدالرحمان، ۽ ثَبات بن حَنْظَلَه ڪِلابي ڪٿي آهن؟ دارس بن آبوب ڪيڏانهن ويو؟ آبُو فِيضَه، محمد بن زياد العبدي(١) ۽ تَميم بن زيد قَيْني (٢) ڪٿي آهن؟ دوستو! قرابت

---

(١) اصل متن ۾ "عبدي"، مگر جيئن ته مٿي [١٦٠] ۽ [١٧٣] صفحن تي اها ساڳي نسبة "ال" سان "العبدي" طور اچي چڪو آهي، اسان به هت انهيءَ ساڳيءَ صورت کي قائم رکيو آهي. (ن-ب) (٢) فارسي ايڊيشن خواه جملي نسخن ۾ هيءَ نسبة "قيسي" جاڻايل آهي؛ ڪيل ترجمو لاء ڏسو آخر ۾ حاشيو ص [١٧٨]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

وارؤ! هتيار برداروٗ! تلوار بازوٗ! بهريدارو! ۽ نيزه بـازوٗ! اسلام جي ٽيڪ توهين آهيو. سڄو لشڪر ڏـهي ٽڪي تيار ٿـي پنهنجي جاء تي بيهو. پريشان نہ ٿيو، بلڪ پنهنجي فوج جي همت افزائي ڪريو [١٨٠].

محمد بن قاسم جو حملو ڪرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم خدا تعالٰي جو نالو وٺي حملو ڪرڻ جو حڪم ڏنو. ڪافر ٻڌ ٻيهي وڃا ۽ چڱي جنگ لڳي. تراوين جي ڏڪا ڏڪيءَ کان هوا ۾ باهه جا شعلا اڏامڻ لڳا. نيزا ۽ حربا هڪٻئي سان ٽڪرائيندا رهيا. تيٺ هتيار ڇڄي پيا، ۽ [جوان] هڪٻئي سان ڪشتيءَ ۾ گهيڇي وڃا. صبح صادق ايرڻ کان شام جي گذرڻ تائين ڏاڍا ڪافر قتل ٿيا. راجـا ڏاهر، راجڪمارن جي (باقي) هڪ هزار سوارن سان وڃي بچيو هو تہ سڄ زرد ٿي وبو.

ڏاهر لعينُ جي ڪٺ جي خبر.

هنن ٻوٽن جي باغبانن ۽ هنن قيمتي ذخيرن جي مصنفن، راوين کـان هن طرح روايت ڪئي آهي تـہ: راجا ڏاهر، خميس جـي ڏينهن، ڏهين رمضان المبارڪ، سنہ ٽيهانوي ۾، راوڙ جي قلعي وٽ سڄ لهڻ وقت قتل ٿيو. ابوالحسن روايت ڪئي ابـو الليث هنديءَ کان، جنهن پنهنجي پـيءُ کـان (هڏل) گهالهہ ڪئي تـہ: جـڏهن اسلامي لشڪر حملو ڪيو ۽ گهٽا ڪافر قتل ٿي ويا، تڏهن اوچتو ڪاهي طرف کـان

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شور ۽ لڙ بلند ٿيو. ڏاهر انهن کي پنهنجو لشکر سمجهي (١) نعرو هنيو "نسي من نسي من" يعني ته: "مـان هتي آهيان. مون ڏانهن اچو" (١)!

زالن جا آواز ظاهر ٿيا.

پوءِ انهن (زالن) چيو ته: "اي راءِ! اسان اوهان جـون زالون آهيون، جيڪي عـرب لشڪر هٿان [١٨١] گـرفتار ٿي قيد ٿيون آهيون." ڏاهر چيو: "اڃا مان زنده آهيان. توهان کي ڪنهن گرفتار ڪيو آهي؟" (اهو حال ڏسي،) ڏاهر اسلامي لشڪر تي هاڻي هڪليو. (هوڏانهن) محمد بن قاسم، نفط-اندازن کي چيو ته: "هاڻي هيءَ وقت توهان جو آهي." هڪ سيڊي هٿ وارو نفط-انداز هو، جنهن هولائي نفط جو تير راجا ڏاهر جي پالکيءَ تي هنيو ۽ پالکيءَ کي باهه لڳي ويئي.

ڏاهر جو پوئتي ورڻ.

اتي ڏاهر پيلبان کي چيو ته: "هـاڏي موڙ، چاڪاڻ ته اڄ لڳي اٿس." هوڏانهن پالکيءَ کـي بـــ باهه لڳي

---

(١)-(١) فارسي ايڊيشن جي متن ۾ عبارت هن طرح ڏنل آهي: "نعره بزد کہ سوي من آئيد، من اينجا ام" مگر پ: توڙي ن جي عبارتن ۾ ڏاهر جي اصلي لفظن جو اضافو ٿيل آهي. پ: 'نعره بزد: نسي من نسي يعني من اينجا ام"، ن: "نعره بزد کہ نسي من نسي من آيند من اينجا ام". اسان ڏاهر جا پنهنجا الفاظ ن مطابق "نسي من نسي من" طور ڏنا آهن. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چڪي هٿي تنهنڪري هاڻي پيلبان جي وس ۾ نه آيو ۽ پاڻ کي وڃي پاڻيءَ ۾ سٽيائين. پيلبان گهڻي ڪوشش ڪئي پر ڪجهه به نه ٿي سگهيو: [هاڻي] ڪين موڙيو، ۽ هاڏهوڻ ۽ ڏاهر کي وڃي تار پاڻيءَ ۾ سٽيائين. ڪافرن سان کي ساٿس گڏ پاڻيءَ ۾ گهڙي ويا ۽ کي پاڻيءَ جي ڪناري تي بيهي رهيا. ايتري ۾ عرب سوار به اچي پهتا، جن کان ڪافر ڀڄي ويا. هاڻي پاڻي پيي، موڙي قلعي ۾ وڃن گهريو. مسلمان تير اندازن تير کوليا ۽ هوا سان تير مينهن وانگيان وسڻ لڳا. هڪ عرب جنهن جو هٿ ڏاڍو سڌو هو تنهن تير ڪشي ڏاهر جي دل تي هنيو، جنهن [جي لڳن] کان [هو] هاڻيءَ جي مٿان پالڪيءَ ۾ منهن ڀر ڪيري پيو. هاڻي پاڻيءَ سان نڪري حملو ڪيو. ۽ باقي بچيل ڪافرن کي پيرن هيٺ، لتاڙڻ لڳو؛ جنهنڪري هو مڙيئي ڏڙي پکڙي ويا. ڏاهر هاڻيءَ تان لهي هڪ عرب سان مقابلو ڪيو. بهادر عرب سندس مٿي تي ڌرار هڻي، سندس سسي کلهن تائين ٻه اڌ ڪري ڇڏي. هوڏانهن اسلامي لشکر ڪافرن سان [۱۸۳] جنبي ويو، ۽ کين ماريندا وڃي راوڙ جي قلعي وٽ پهتا. هيڏانهن جيڪي برهمڻ وڃي پاڻيءَ ۾ لڪا هئا، [تن جڏهن ڏٺو] ته جتي ڏاهر کي قتل ڪيو ويو هو، اها جاءِ خالي پيئي آهي، سو پاڻيءَ مان ٻاهر نڪري، ڏاهر کي گپ هيٺان لڪائي ڇڏيائون. [ايتري ۾] سفيد هاڻي ڪافرن جي لشکر ڏانهن منهن ڪيو، ۽ [هو اهڙو ته ٻڌي ٻگا جو] سندن ڪو نالو نشان ٿي ڪونه رهيو.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

گالهه ٿا ڪن ته قابل بن هاشم (١)، ڏاهر لعنتي ۽ ڪافرن جي مارجڻ واري ڏينهن سوڙهن زخم کائڻا ۽ حملو ڪندو ۽ هي [رجز] چوندو رهيو:

اَلاَ فَاصْبَحَانِيْ قَبْلَ وَقْعَةِ دَاهِرٍ
وَ قبل مَنَايَا (٢) قَدْ غَدَوْنَ بَوَاكِرٍ
وَ قَبْلَ غَدٍ يَا لَهْفَ نَفْسِيْ عَلَى غَدٍ
إِذَا مَا غَدًا صَحْبِيْ وَ لَسْتُ بِيَاكِرٍ

[دوستو! ڏاهر جي جنگ کان اڳ پري ڏيو مونکي جاڳ، ڏيو پالو موت کان اڳ، جو ٿو اڄ ڏسجي تيار. دوستو سڀ موجود هوندا مڃي جي محفل ۾ سڀان، ۾ ڪجو، نا پاڙرو! مون لئه سڀاڻي، انتظار.]

چون ٿا ته جڏهن (ڏاهر) منو تڏهن ڪافرن سندس بدن تان هٿيار لاهڻ گهربا ۾ لاهي نه سگهيا، ۽ اتيئي خليج هيٺ دفن ڪياڻونس.

محمد بن قاسم جو پڙهو ڏيارڻ.

پوء محمد بن قاسم نظر ڪئي ته حُبَيْشْ بن اخي عامير

---

(١) هن نالي جي پڙهڻي پ مطابق آهي. فارسي ايڊيشن ۾ ٻين نسخن مطابق "قابل بن هاشم" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي. مگر عربن ۾ قابل نالو بنسبت قابل جي، زياده قرين قياس آهي. پانڇجي ٿو ته اصل ۾ صحيح عبارت شايد "قابل من بني هاشم" هجي. والله اعلم.(ن-ب)

(٢) فارسي ايڊيشن ۾ "قبل المنايا" آهي مگر وزن جي خيال کان "قبل منايا" صحيح آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

بن عبدالقيس [کي ڏنائين جو] سندس سامهون بيٺو هو؛ چيائينس تہ: "اي اخي عامر بن عبدالقيس جا پٽ! عامرين کي (١) پڙهو [١٨٣] ڏيئي چوڻ تہ راجا ڏاهر غائب آهي؛ متان کنهن کنڊ مان نڪري حملو ڪري، (تنهنڪري) هوشيار رهجوءِ." حبيش چيو تہ: "امير! منهنجي دل شاهدي ٿي ڏئي تہ ڏاهر کسي ويو." "محمد بن قاسم فکر ۾ رهيو، ۽ هڪ کان ٻي پڇيائين تہ: "ڏاهر جي کا خبر اٿيئي، جو هو گم آهي." نيٺ هڪ برهمڻ آيو ۽ امان گهري چيائين تہ: "اي امير عادل! مون کي، منهنجن تابعدارن ۽ فرزندن کي امان ڏي تہ مان توکي ڏاهر ڏيکاريان، جو کُسي ويو آهي." (انهيءَ تي) اعتماد جوگا سائي ويا ۽ وڃي هن کي گپ جي هيٺان کڏيائون؛ اڇا ڪپڙا منجهائنس عطر ۽ مشڪ جي خوشبوءِ پئي آڏي. سندس سسي لاهي، هٿيار بدن کان ڌار ڪري، محمد بن قاسم وٽ آندائون. محمد بن قاسم چيو تہ: "اهڙو ڪو ماڻيو آهي جو هن کي سڃاڻي؟" نيٺ سندس حڪم تي انهن ۾ بانهيءَ کي آندائون جيڪي پاڪيءَ ۾ ساڻس گڏ هيون، ۽ گرفتار ٿيون هيون. هنن سر سڃاتو، (جنهن تي) انهيءَ برهمڻ جي وڏن، تابعدارن ۽ لاڪاپيدارن مان ٻي سؤ ماڻهو آزاد ڪيائين. محمد بن قاسم ڏاهر جو سر ڏسي خداتعالي عزّاسمهٗ جي تعريف ڪئي، ۽ شڪرانا بجا آڻڻ خاطر ٻہ رڪعتون نفل پڙهيائين. جنگ ۾ جيڪي

---

(١) اصل عبارت "عامريان را" يعني بنو عامر قبيلي وارن کي. ڀ، م جي پڙهڻي "ياران را" (يعني يارن کي) آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ماڻهو گرفتار ٿيا هٿا تن سيني کي خونخوار ترار جـــو لقمون بنائڻ جو حڪم ڏنائين. باقي کاريگرن ۽ واپارين جي ٽولي کي امان ڏيئي اصلوڪين جاين تي رهايائين.

(روايت:) عَمْرَو بن مُعَيْرَه کيلانبيءَ کان روايت ڪن ٿا تہ: جنهن وقت حَجّاج جي سامهون لشڪر ڏاهي ٻيهاريو هٽائون، تنهن وقت حجاج بن يوسف صفن اڳيان اچي هرهڪ صف کي ڏڏ ڏيئي رهيو هو. ائين ڪندي اچي عَمْرَو بن خالد وٽ پهتو. چيائينس: "اي عَمْرَو! محمد بـــن قـــاسم ۽ (سندس) همراهن جي شاهديءَ سان ٻڌاءِ تہ تون ڪافرن سان ڪهڙو ڪم ڪندين؟" (وڌيڪ) چيائينس: "توکـــان کـــو ٻيڪ ڪم بـــ ٿيندو يـــا نہ" (١)؟ [١٨٤] پـــوءِ راوي چيو تہ: "(عَمْرَو) جنهن ڏينهن ڏاهر ســـان سامهون ٿيو، (تنهن ڏينهن) محمد بـــن قاسم کـــي شاهد ڪري، هاڻيءَ کي ڏڪ هنيائين، ۽ ڏاهر جو سر پڻ هن ڏي ٻہ اڇ ڪيو." هو (عَمْرَو) جڏهن عراق موڪلي ويو، ۽ ڏاهـر جـــي ســـي

---

(١) هتي اصل متن جي عبارت ہ ڏاڍو مونجهارو آهي. اصل فارسي عبارت هن طرح آهي. "گفت اي عمرو! من قاسم و ياران را گواه ميکنم تا بکفار چہ کار خواهي کرد؟ گفت: از تو عمل درست آيد يا نہ؟" اسان جي خيال ہ ٻيءَ "گفت" کان اڳ "ديگر" لفظ هٽ گهرجي جو شايد کاتب کان ڇڏجي ويل ٿو ڏسجي. ديگر نہ هجڻ ڪري ائين ٻيو معلوم ٿئي تہ اهو پويون "گفت" جڻ عمرو جو جواب آهي. حالانڪ ائين نہ آهي، اهو ہ حجاج بن يوسف جو قول آهي. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

حجاج جي خدمت ۾ پيش ڪيائين؛ تڏهن چيائين: "امير عادل شال باقي رهي! سندس حڪومت سدائين غالب رهي! امير محمد بن قاسم کي مون تي گواهه ڪيو هوو". (حجاج) چيو تہ: "ظاهر ڪر (ڏسان) تہ تو چا ڪيو هوندو؟" اتي عمرو هيءَ شعر چيو:

اَلْخَيْلُ تَشْهَدُ يَوْمَ دَاهِرَ وَالْقَنَا
وَ مُحَمَّدٌ بْنُ الْقَاسِمِ بْنِ مُحَمَّدِ.
إِنِّي فَرَجْتُ الْجَمْعَ غَيْرَ مُعَرَّدِ
حَتَّى عَلَوْتُ عَظِيمَتَهُمْ بِمُهَنَّدِ.
فَتَرَكْتُهُ تَحْتَ الْعَجَاجِ مُجَدَّلاً
مُتَعَفِّرَ الْخَدَّيْنِ غَيْرَ مُوَسَّدِ.

[شاهد آ ابن قاسم، گهوڙا ۽ نيزا پن
ڏاهر جي جنگ ۾ مون ڏيکاري بهادري.
بيڏڪ ڪافرن کي ڪيو هو مون چڪوچڙ،
سرسي ڪري ڪپي هٿي‌مون راجا سنديسري.
مون ٿي دسي انهيءَ کي هو ليڻابو ڏوڙ ۾.
ويڙي هٿي منهن متي‌ تي انهيءَ جي متي وري.]

ابو محمد هنديءَ کان روايت ٿا ڪن (جو هن چيو) تہ ابو مسهر عابي (١) کان ٻڌم، جنهن هند وارن کان

---

(١) پ: تسقرعابي، ن: اي شتعي عابي؛ ب: شتعي عابي؛ ل، م: تسقر عالي، س: مشتعر عالي، ڪ: مشعفر عابي، ڏنل پڙهڻي فارسي ايڊيشن مطابق آهي ۽ محض قياسي آهي. "عابي" شايد "غساني" جي تصحيف هجي. فليتامّل. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

روايت ڪئي تہ: جڏهن ڏاهر جي قتل ڪان پوءِ ڏاهر جي زال لاڏي (١) گرفتار ٿي تڏهن محمد بن قاسر انهن (جنگي قيدين) مان لاڏيءَ کي خريد ڪرڻ گهريو. هن حقيقت جو خط حجاج ڏانهن لکي ڪانئس اجازت گهرياٿين. حجاج هيءَ حقيقت خليفي وليد جي خدمت ۾ عرض ڪري، لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جي فرمان جي خواهش ڏيکاري. دارالخلافت کان لاڏيءَ جي خريد ڪرڻ جو حڪر جاري ٿيو، جنهن کان پوءِ محمد بن قاسر هن کي خريد ڪري پنهنجي زال بنايو (٢) [١٨٥].

ڏاهر جي زال لاڏيءَ جي خبر ٻڌائڻ تہ هوءَ ڪنن گرفتار ٿي.

گهاڻو ٿا ڪن تہ: عقيل بن عمرو روايت ڪئي تہ: جڏهن لاڏي آم ولد ٿي (٣) تڏهن محمد بن قاسر کانئس پڇيو: تون ڪيئن ڏاهر جي پوئلڳن سان گڏ گرفتار ٿيئءَ؟ ۽ ڏاهر کان ڪهڙي سبب ڌار ٿيئءَ؟ لاڏيءَ جواب ڏنو تہ: جڏهن اسلامي لشڪر راجا ڏاهر جي سامهون ٿيو، تڏهن هن هرهڪ زال جي مٿان سخت نگران ڇڏي ڇهو تہ

---

(١) اصل پڑهڻ هت توڙي اڳتي هر جڳهہ تي "لادي" آهي، جنهن کي اسان سنڌي نالي جي اصليت جي لحاظ سان هر جاءِ تي "لاڏي" ڪري لکيو آهي. (ن-ب) (٢) هيءَ روايت نهايت مشڪوڪ ۽ ضعيف آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [١٨٥]. (ن-ب) (٣) شرعي اصطلاح ۾ "ام ولد" انهيءَ ٻانهيءَ کي چئبو آهي جنهن مان سردار کي ڪو ٻار پيدا ٿئي. هتي "اولاد ٿي" مان مراد تہ "محمد بن قاسر جي نڪاح ۾ آئي". (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جيڪڏهن اسلامي لشڪر غالب ٿئي ۽ ڪافر شڪست کائين ته هنن زالن کي کهي ڇڏجو متان مسلمانن جي هٿان گرفتار ٿين. پوء انهيءَ (نگران) چوبدار، راڻيءَ لاڏيءَ ڏانهن ڏسي پڻي چيو ته 'تنهنجي منهن جو بشرو اهڙو ڪليل آهي جو (معلوم ٿو ٿئي ته) تنهنجي دل عرب جي بادشاهه ڏانهن مائل آهي، ۽ تون ضرور انهيءَ جي راڻيءَ ٿيندينءَ'. آخر جڏهن اسلام جي لشڪر حملو ڪيو ۽ مشرڪ پڄي ويا تڏهن هڪ نگران سندس حوالي ڪيل راڻيءَ کي ڪٿو: [اهو حال ڏسي] مان پاڻ کي آڻ تان هيٺ ڦٽو ڪيو، ۽ وڃي جنگ جي [ميدان جي] وچ ۾ پهر: منهنجو نگران منهنجي کهڻ جو خيال ڇڏي وڃي پڪو: پوء مسلمانن اڇي مون کي گرفتار ڪيو ۽ امير محمد بن قاسم مون کي خريد ڪري پنهنجي نڪاح ۾ آندو.

(آسماني فتح ۽ ڪافرن جي مغلوب ٿيڻ جي خبر:) سنڌ جا مشائخ خبرون ٿا ڪن ته، جڏهن آسماني مدد ۽ خدائي تائيد عربن جي حال جي موافق ڏي، ۽ ڪافر پڄي ويا، تڏهن محمد بن قاسم انهيءَ احوال جي فتح جو خط حجاج بن يوسف ڏانهن لکي موڪليو [١٨٦].

محمد بن قاسم جو حجاج ڏانهن ڏاهر جي ڪمڻ ۽ حڪومت تي قبضي ڪرڻ جو فتحنامو لکڻ.

"محمد بن قاسم بي انداز خدمتن ۽ گهڻن سلامن کان پوء عراق ۽ هند جي امير حجاج بن يوسف جي راء اڳيان عرض ٿو ڪري ته: بادشاهه (اللّٰه) سُبْحَانَهُ وَ تَعَالَىٰ وَ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

تقدست آسمائه (جو پاڪ ۽ سر بلند آهي ۽ سندس نالا پاڪ آهن) پنهنجي عام فضل ۽ سگوري لطف سان، پنهي طرفن کان دلير جنگي جوانن ۽ دلير بهادرن جهڙي پاڻ کي آبدار تراڙين تان قربان ڪرڻ کان پوءِ، اسلامي لشکر کافرن کي، جنهن ۾ مست هاڻي ۽ هٿيارن ۾ هڏل کافر سوار هئا، شڪست خورده ۽ ذليل ڪيو. هنن جا هاڻي، گهوڙا، سامان، ڪپڙا، هانها ۽ چوپايو مال سمورا اسان جي قبضي ۾ آيا، جن جو پنجون حصو دارالخلافت جي خزاني جي حوالي ڪيو ويو. الله تعالي جي ڪرم سان اها اميد آهي ته جيئن هن ڪم جي ابتدا ٿيڪ ٿي آهي، تيئن هند ۽ سند جا سارا ملڪ اسان جي اقتدار ۽ حڪومت هيٺ ايندا ۽ حوالي ٿيندا. إنْ شاء اللهُ العزيزُ.

ڏاهر جو سر عراق ڏانهن موڪلڻ.

پوء [محمد بن قاسم] ڏاهر جو سرُ، صارم بن آبيهُ صارم جي حوالي ڪري، [سائس گڏ] بني قيس قبيلي مان آ بوقيس مقرر ڪيائين. [تنهن کان سواء] ذڪوان بن علوان البڪري يزيد بن مجالد (۲) همداني، زياد بن الحواري التميمي(۲)

---

(۱) پ: "مخالف" بن جملي نسخن ۾ "مخالد" جا پڙهڻي فارسي ايڊيشن ۾ به اختيار ڪيل آهي. مگر "مخالد" حقيقت ۾ "مجالد" جي تصحيف آهي، جنهنڪري اسان متن ۾ "مجالد" لکيو آهي. بشڪريه استاد عبدالعزيز الميني. (ن-ب) (۲) اصل ۾ "العبدي" جو غالباً صحيح نه آهي. ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [۱۸۷]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ بيا پڻ ڏکڻي جـــا ساڻي بنائي روانـا ڪيائين [۱۸۷]. (خط ۾) سندن سارا ڪـــولي بيان ڪيائين، ۽ چيائين تہ: "هي فتح هنن جي قوّت، ڏيڀي، امداد ۽ همراهي ســڻ ٿي آهي." هند [يعني سنڌ] جي جن رئيسن لـڑائيءَ ۾ خوشي ڏيکاري هئي، تن جا سر ڀڻ عراق موڪليا ويا، ۽ خط ۾ نانءُ بہ نانءُ داخل ڪيا ويا.

امير حجاج جي ڪَعْب سان گفتگو.

ٻوءِ جڏهن ڏاهر ۽ سندس راڊـــن جـــون سسيون، ۽ سندس حاڪمن جا جهنڊا ۽ چَٽ، جيڪي [محمد بن قاسم] تفصيل وار لکيا هئا، حَجّاج بـــن يوسف وٽ پهتا، تڏهن پڇيائين تہ: "توهان جو سَيْمَنْدْ (يعني لشڪر جـي ساڃي جو مهندار) ڪير آهي؟" ڪَعْب بن مُخارق الراسبي چيو تہ: "مان آهيان." تنهن تي حجاج چيو تہ: "محمد بن قاسم پنهنجن ساڻين جو ذڪر ڪيو آهي، ۽ هرهڪ ڪـان جيڪي ڏٺو، آزمايو يا معائنو ڪيو اٿس سو لکيو اٿس، پر تنهن جو ڪوبہ بيان نہ ڪيو اٿس ۽ نـــہ توکي يـــاد ڪـيو اٿس. ٻڌاءِ تہ تنهنجي آزمائش جو ڪهڙو ذڪـر آهي؟" ڪَعْب چيو تہ: "جڏهن ڪافرن جي زعب، حشمت، خوف ۽ هيبت دلين ۾ اثر ڪيو ۽ ويٺو، تڏهن مان امير محمد بـــن قاسم جي ڪنڌ جهليو ٻيٺو هوس، ۽ هـــن منهنجي گردن ۾ هٿ ورائي مون ســـان مشورو ڪيو ٿـي. تنهن ڪان سواءِ

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جيستائين ڏاهر جـــان وجـــائي، تيستائين سندس اڳيان لڏندو رهيس." پوءِ حجاج پڇيو تہ: "محمد بن قاسم دشمن جي جنگ وقت متردد ٿيو، يـــا سندس حالت بدلي يـــا نہ؟ فتح وقت خوشيون ڪيائين يـــا نہ؟ جنگ جـــي سختي ۽ دشمن جي نگين کان منجهس ڪو تفاوت پيدا ٿيو يا نہ؟" (جواب:) ڪعب چيو تہ: "جڏهن حملو ڪيائون، ۽ ســـوار سوار سان ۽ پيادو پيادي سان وجـــي واڪيا ۽ نيزا ڪنديا، ۽ نيزن جي ڇهڻ ۽ تارين جي ڏارن سان باهم جـا شعلا هوا ۾ اڏامڻ لڳا، تڏهن محمد بن قاسم چيو هو تہ أطعمني الحمّاء" (يعني مون کي پاڻي کاريو). حجّاج چيو تہ: "اهو غلط نہ آهي [۱۸۸] ڇاڪاڻ تہ الله تعالي پنهنجي قرآن مجيد ۾ خبر ڏني آهـي تـــ (قوله تعالي:) إنّ اللهَ مُبْتَلِيكُمْ بِنَهَرٍ فَمَنْ شَرِبَ مِنْهُ فَلَيْسَ مِنِّي وَ مَنْ لَمْ يَطْعَمْهُ فَإِنَّهُ مِنِّي (۱) (الله تعالي توهان کي هڪ نهر ســـان آزمائڻ وارو آهي، پوءِ جيڪو انهيءَ مـــان پيئندو تہ اهـــو منهنجي سنگت مان نہ آهي، ۽ جيڪو انهيءَ مان نہ پيئندو سو بيشڪ منهنجو سنگتي آهي).

---

(۱) هن آيت سگورڻ ۾ پاڻي پيئڻ لاءِ "طعم" جو صيغو آيل آهي، جو عام طور "کائڻ" جي معنيٰ ۾ استعمال ٿيندو آهي ۽ محمدبن قاسم تي ڀن اهو اعتراض هو تہ هن پريشاني جي حالت ۾ اسڪيني الحمّاء جي بدران اطعمني الحمّاء چيو هو. (مترجم) آية سورة البقرة: رکوع ۳۲ (ناشر)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(خبر:) ٻوءِ جڏهن ڏاهر جو سير حجاج جي آڏو رکي سندس چٽ ۽ جهنڊا اونڌا ڪيائون، ۽ قيدين کي جٽين وٽ ٻيهاريائون، تڏهن بني ثقيف جي هڪ ماڻهوءَ پيرن ۾ ٻيهي راڙڙ جي فتح ۽ ڏاهر جي ڪمن جي خوشيءَ ۾ هي شعر چيو:

فُتِحَتْ بِلَادُ السِّنْدِ بَعْدَ صَعُوبَةٍ
وَ مَهَابَةٍ لِمُحَمَّدِ بْنِ الْقَاسِمِ
سَاسَ الْأُمُورَ سِيَاسَةً ثَقَفِيَّةً
بِشَهَامَةٍ مِنْهُ وَ رَأْيٍ حَازِمِ
آذِنَ الْأَمِيرُ لَهُ غُدَاةَ وَدَاعِهِ *
كَانَ الْأَمِيرُ مَوَدَّتِي فِي الْعَالَمِ
مَاغَابَ عَنْهُ مِنَ الْأُمُورِ رَزَانَةٌ
فِيهِ الْيَقِينُ لَهُ عِيَانٌ * الْعَالِمِ
فَبِرُمْحِهِ نَصَرَ الْإِلٰهُ مُحَمَّدًا
وَ بِسَيْفِهِ قَامَتْ نِسَاءُ مُ آتِمِ *
وَ بِكَيْدِهِ سَاوَتْ بِهَامَةِ دَاهِرٍ *
دُهْمُ الْبِغَالِ * إِلَى أَغَرَّ قُمَاقِمِ *

---

* فارسي ايديشن ۾ هن نشان وارين جاين تي لفظن جي صورتخطي هن طرح آهي جا صحيح نه آهي: وِداعه؛ عيان؛ الماتر؛ داهر؛ التِّعال؛ قُمَاقِر؛ سَبَّقَهُمْ؛ داهَر. ڪيل تصحيح استاد علام عبدالعزيز الميمني طرفان آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اَلْمَالُ يَسْبِقُهُمْ * وَ كُلُّ خُرَيْدَةٍ
بَيْضَاءُ آنِسَةٍ كَظَبْيِ نَاعِمِ
لَا رَأْسَ إِلَّا رَأْسَ دَاهِرَ * فَوْقَهُ
عِنْدَ الْمُلُوْكِ بِخَطْبِهِ الْمُتَفَاقِمِ
وَ نِسَائُهُ يُبْدِيْنَ نَوْحَةَ حُرَّةٍ
وَ خَيُوْلُهُ تَبْكِي بِدَمْعٍ سَاجِمٍ

[مشكل كان پوء سنڌ جو ٿيو ملڪ فتح نيٺ،
قاسم جي پٽ محمد سهرا هي سر ٻڌا.
آندائين ڪم، سياست ثقفي ۽ رعب تاب،
پڻ عقل دوراندیش سان سڀ ڪم ڪيائين سڌا.
موڪل جي وقت ڪيس نصيحت ڪئي امير (حجاج)،
بيشڪ اسير آهين مؤدب ۽ رهندا.
ڇڏيو هتان نه ڪنهن به گهڙيءَ هنَ وڪار ڪي،
هن جو يقين اهڙو، ڏسي جيئن ٿو برملا.
هن پنهنجي نيزي سان مدد ديئن جي ڪئي،
هن جي ترار سان ٿي ماتم جي صف بپا.
ڏاهر جو سر ڪجي آيو ان جي ٿي عقل سان،
سڀني سخي امير جي آڏو، جو با وفا.
تنهن جي اڳيان هو مال گهٽو ڪنوارين نازنين،
هرڪي نرم کان وڌ هيون نازڪ جي با صفا.
ڏاهر جي سر جو سيني سرن کان وڌيڪ شان،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

شاهن مڃيو ٿي تنهن کي ڪري پنهنجو بادشاهه.
حرمن سندس رنو ٿي رڻ جيئن ٽيون پاڪباز
زار و قطار، گهوڙا تنهين جا ٻه ٿي رناه]

حجاج بن يوسف محمد بن قاسم کي؛ تمام گهڻو پيار ڪندو هو ۽ سندس [۱۸۹] محبت سبب بيقرار رهندو هو. [انهي شعر ٻڌڻ کان] پوء حجاج دل جي خوشيء سان هيءُ شعر پڙهيو:

إنّ المَنَايَا لاَ يُبَالِي حَيْفُهَا
مَالَمْ يَنَلْنَ مُحَمَّدَ بْنَ الْقَاسِمِ

[ناهي امان کي موت جي ظلمن جو ڪوبه خوف
قاسم جي ٻڌ جي سر کي تہ جيسين نہ سي رسيا]

تنهن کان پوء چيائين تہ: محمد بن قاسم ڏانهن هر روز خط لکي روانو ڪرڻ امان تي واجب آهي تہ جيئن انهيء اشاري ۽ طريقي سان سندس دل قوي ۽ طاقت واري ٿيندي رهي: [سو] لاڳيتو خط و ڪتابت جو رستو جاري رکندو آيو: ۽ هو پڻ حجاج جي حڪم تي عمل ڪندو آيو.

حجاج جي پنهنجي نياڻي، محمد بن قاسم کي ڏيڻ جي حڪايت

بني تميم جي هڪ ماڻهوء يزيد [بن] کنانه کان روايت ڪئي، جنهن چيو تہ مون پنهنجي پيءُ کان ٻڌو [جنهن چيو] تہ: مان هڪ ڏينهن حجاج وٽ هوس جو

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

[محمد بن قاسم کي] چيائين تہ: ”اي سؤٽ (۱) توکي وڏي درجي تي رسائڻو اٿم: جيڪو بہ ڪم هجيئي تہ سون کان گهر.“ محمد بن قاسم چيو: ”سون کي بادشاهہ بناءِ ۽ پنهنجي نياڻي سون کي ڏي.“ حجاج جي هٿ ۾ هڪ لکڻ هئي سا سندس منهن تي هڻي سندس پـڳ ٻاهي وڌائين، ۽ ٻئي ٻيري چيائينس: ”جيڪا گهرج هجيئي سـا گهر.“ هن وري بہ ساڳي گالهہ ورائي چئي. حجاج اها لکڻ ورائي ٻيو دفعو محمدبن قاسم جي منهن تي هنئين. وري ٽيون دفعو چيائينس: ”جيڪا گهرج هجيئي سا گهر ۽ جيڪي دل ۾ اٽيئي سو چئو.“ محمد بن قاسم وري بہ سندس نياڻيءَ جي گهر ڪئي. حجاج چيو تہ: ”توکي انهيءَ شرط تي ڏيندس تہ جڏهن وڏو ٽيندين ۽ شاهہ ٻنبين تہ لشڪر سان فارس (۲) يا هند تي ڪاهيندين، اتي جو مال حاصل ڪندين، ۽ انهن ملڪن کي فتح ڪري قبضي هيٺ آڻيندين“ [۱۹۰].

حجاج جو ڪوفہ جي جامع مسجد ۾ خطبو ڏيڻ.

هن فتح جي مفسرن هن طرح بيان ڪيو آهـي تہ: هڪ ٽولو جـڏهن نشان، جهنڊا، نغارا، ۽ ڏاهـر ۽ ٻين ٽڪرن جا سر کڻي آيو، تڏهن حجاج جي حڪم سان ڪوفہ جي شهر ۾ پڙهو گهمايائون. پوءِ [حجاج] ممبر تـي چڙهي

---

(۱) اصل ۾: اي ابن عم (۲) فارس ايران جي علائقي جو قديم نالو هو. هتي مراد ايران.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اللّٰه تعالي عزّ إسْمُه جي تعريف ڪري، پيغمبر عليه السلام تي صلوات پڙهي، محمدي حڪومت جـــي خدمتگارن جـــي گهڻي تعريف ڪئي، ۽ پوء چيائين تہ: "شام ۽ عرب وارن کي (۱) سنڌ ۽ هند جـــي علاقن (۱) فتح ڪرڻ، گـهڻو مال، مهراڻ جو ملڪ پائي، ۽ بي انتها نعمتون- جي خـــدا عز و جل کين عطا ڪيون آهن- مبارڪ هجن شال!" پوء هيءُ فتحنامو کين پڙهي ٻڌائي خوشيون ڪيائين؛ ۽ جـــن ماڻهن لڙائي جي وقت شاندار ڪارناما ڏيکاريا هئا، تـن کي وڏن درجن، قيمتي سروپائن ۽ بـــي انداز انعامن ســـان سرفراز ڪري، رنگا رنگي ۽ جـــڙادار وڳا پهرائي، وقت جي خليفي وليد بن عبدالملڪ بن مـروان وٽ موڪلياٿين، ۽ انهن کي خاص ماڻهن جـــي فهرست ۾ (داخل) فرمايائين؛ (انهن ماڻهن) کي (سندس) خـــدمت ۾ رهيا، ۽ ڪن کـــي واپس موڪلياٿين.

محمد بن قاسم جي جواب ۾ خط لکڻ.

پوء حجاج، محمد بن قاسم جي خط جـو جواب ڏنو ۽ ساراهن ڪرڻ کان پوء ان ۾ لکيائين تہ: "تو جيڪا ثقيف^ جي آزاد ڪيل غلام مُصْعَب جي ايڏي [۱۹۱] تعريف ڪئي آهي، ســـو هڪڙي فاسق جي تعريف کـا مناسب آهي؟-

---

(۱)-(۱) مطابق عبارت پ: "گرفتن بلاد سند و هند". فارسي ايڊيشن ۾ صرف "گرفتن هند" آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(باوجوديڪ) هيترا بزرگ، تنهنجي لشڪر ۾ موجود آهن، جڏوڪ: بنو سُليم، بنو تميم، پڻ تنهنجي والده حميدة العظمي، تنهنجو سگو پاءُ صُلب بن قاسم، تنهنجو چاچو ۽ تنهنجو پيءُ به ڪي گهٽ نه آهن؛ خود تو ۾ پڻ ڪابه گهٽتائي ۽ سستي ڏسڻ ۾ نٿي اچيم، ۽ سمان انهن ڪي تنهنجي مٺ نٿو سمجهان. چا ڏاهر جي فتح ۾ هڪ منافق جي سارهه واجب هئي؟ جنهن جاء تي شامين ۽ عراقين منجهان خُرَيم بن عمرو، دارس بن آيوب، نُبَاتَه بن حَنْظَلَه، هُذَيل بن سليمان ( )، [محمد بن] مُصْعَب بن عبدالرحمان، جَهْم بن زَحْرالجُعْفِي، ذَكْوان بن عَلوان اَلْبَكْري، كعب بن مُخَارِق ۽ ٻيا ڏسڻا وائسڻا بهادر مجاهد موجود هجن، اتي هوڙن ڪي ڪير ٿو ڇڄي! سڀني جي تربيت ڪندو رهج؛ ۽ نفساني خواهش ۽ لاڙي، چشم پوشي ۽ ڪوڙن ڪان پرهيز ڪندو رهج- والسلام."

راوڙ جي غلامن جي خبر، جن سان ڪي راجا ڏاهر بن چچ جا مائٽ هٿاء

(۴) پڻ آبو آيوب هاشميءَ روايت ڪئي ته: علي بن عبدالله بن عباس جي آزاد ڪيل غلام جعفر بن سليمان جي

---

(۱) هت جملي نسخن ۾ "هذيل بن سليم" ڇاڙيل آهي. غالباً صحيح هذيل بن سليمان آهي جنهن جو ذڪر هن ڪتاب اڳ ص [۱۷۴] تي ۽ هن بعد وري ص [۲۱۸] تي آيل آهي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پٽن مان هڪ ماڻهو وقت جي خليفي وليد بن عبدالملڪ بن مروان وٽ ويو- انهيءَ ڏانهن، ڪعب بن مُخارق الراسبي (۱) [پڻ آيو هو] (۲)- ۽ چيائين تہ: جڏهن ڏاهر بن ڇچ جو سر حاضر ڪري [۱۹۲]، راجائن جي ڌرين ۽ راڻين جهڙن غلامن کي جڪين جي قطار وٽ اڇي بيهاريائون، تہ ڪعب انهن کي سڃاڻندو ٿي ويو. آخر جڏهن ڏاهر جي ياٽيجيءَ کي پيش ڪيائون، تڏهن وقت جو خليفو هن جي حالت ۽ صورت تي تعجب ڪائڻ لڳو. پوءِ خليفي چيو: "اي ڪعب! هيءَ راجا جي ڏيءُ آهي ۽ پاڪيزه مهانڊي واري آهي: هن کي تون وٺي وڃ [پنهنجي] زال بناءِ." (ڪعب چيو تہ:) "ان وقت آءٌ جوان هئس، هن کي پنهنجي گهر نيٺي زال بنايم، ۽ گهٽو ڪري زالون وٺس اڇي ڪائنس دانائي جون گالهيون ۽ نصيحت پرائيندين هيون؛ پر انهيءَ مان کوبہ ٻار پيدا نہ ٿيو."

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ الراستي. پ: الرائي؛ ز: الراسني. (۲) اصل متن ۾ [پڻ آيو هو] جي برابر فارسي عبارت ڪٿل آهي، جنهنڪري "۽ چيائين" جو ضمير پڻ "ڪعب" ڏانهن وري ٿو حقيقت ۾ "۽ چيائين" يعني جعفر بن سليمان جو پٽ جو خليفي وٽ ويو هو تنهن چيو. اسان [پڻ آيو هو] جا الفاظ، ص [۱۹۵] تي ڏنل عبارت- "ڪعب بن مخارق با خمس و زنان بجانب خليفہ فرستاده شد" جي آڌار تي وڌايا آهن.

(ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جَيْسِينْهَ بنْ ڏاهر جو غرور سان راوڙ جي قلعي ۾ ٻيڪ ڪرڻ، ۽ جنگ ڪرڻ جي خبر.

خبرن جي راوِيَن پنهنجن معتبرن کان روايت ڪئي آهي تہ: ڏاهر جي مارجي وڃڻ کان پوءِ سندس پٽ ۽ راڻي مايين (۱)۔ جا سندس [ڏاهر جي] پيٽ هئي ۽ هن کي اجايو زال بنائي پنهنجي چٽ هيٺ ويهارڻو هئائين۔ شهزادن جي لشکر سميت راوڙ جي قلعي ۾ وڃي قلعيبند ٿيا. جَيْسِينْهَ پنهنجي مردانگي، طاقت ۽ ڏهڻي تي مست هو، ۽ پورو پروسو هوس، سو جنگ لاءِ تيهي رهيو؛ محمد علافي ساڻس همراهہ هو. جڏهن ڏاهر جي مارجڻ ۽ سفيد هاڻيءَ جي ڦٽجڻ جي خبر پهتي، تڏهن ڏاهر جي پٽ جَيْسِينْهَ چيو؛ "دشمن سان سامهون ٿي، ننگ ناموس خاطر نرار هٿناسون، پوءِ جيڪڏهن کسي وياسون تہ، بہ ضايع نہ ٿياسون." سياکر وزير چيو: "شاهزادي جي راءِ غلط آهي. اسان جو راجا کسي وڃي، ۽ لشکر شڪست کائي. اسان جو لشکر ڇڙوڇڙ

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاءِ تي هي نالو "ٻائي" ڪري لکيو ويو آهي حالانکہ هن کان اڳ [ص ص. ۵۴، ۵۶، ۵۷، ۵۹ ۽ ۶۱] هر جڳهہ "مايين" ڪري لکيو ويو آهي. اسان هن جاءِ تي ۽ پوين صفحن مطابق "مايين" ڪري لکيو آهي. ۽ مختلف نسخن جون پڙهٽيون هن طرح آهن پ،ل،ک: مائي؛ م: مائين؛ ن، ب: ٻائي. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٽي وڃو، ۽ اسان جون دليون دشمن جي ترار جي هيبت جي رعب سببان جنگ کان نفرت ڪري رهيون آهن. [اهڙيءَ حالت ۾] تون عربن سان جنگ ڪيئن ڪندين؟ اڃان ولايت قائم آهي، [۱۹۳] ۽ پختا قلعا، جنگي بهادرن ۽ رعيت سان مضبوط آهن. [تنهنڪري] چگي صلاح اها آهي ته برهمڻاباد جي قلعي ۾ هلون: اهو قلعو راجا جي ابن ڏاڏن جي ميراث، ۽ راجا ڏاهر جي رهڻ جو هنڌ آهي: [اتي] خزانا ۽ دفينا موجود آهن، ۽ اتي جا رهاڪو راجا ڇڇ جي خاندان سان موافق ۽ خيرخواه آهن: دشمن سان وڙهڻ ۾ اهي سڀ تو سان مددگار ٿيندا." [پوءِ] عِلافيءَ کان پڇيائين ته: "هن باري ۾ تنهنجي ڪهڙي مصلحت آهي؟" هن چيو: "منهنجي چگي راءِ ۾ اها آهي." جيسينڊ هن سان متفق راءِ ٿي، پنهنجي تابعدارن، لاڳاپيدارن ۽ معتمدن سميت برهمڻاباد ڏانهن ڪوچ ڪيو. ڏاهر جي زال مائين (۱) ۾ سردارن (۲) جي مدد سان راوڙ جي قلعي ۾ لڙائي واسطي تيار ٿي ويٺي. جانچ ڪرڻ تي پندرهن هزار جنگي جوان گهٽيا ويا، جي سڀ موت لاءِ تيار ٿي ويٺا. صبح جو جڏهين کين معلوم ٿيو ته راجا ڏاهر مهراڻ نديءَ جي وچ ۾ ڏڌها واهم وٽ ڪسي ويو، تڏهن اها خبر ٻڌي جن

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاءِ تي به هي نالو "بائي" ڪري لکيل آهي. ڪيل ترسم لاءِ ڏسو سامهون حاشيه ص ۲۸۰. (ن-ب) (۲) اصل لفظ "ملوڪ" جنهن جي لفظي معنيٰ "بادشاهن" ٿيندي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راوٽن، راڻي مايين (۱) سان عهد ڪيو هو. سي سڀ قلعيبند ٿي ويٺا. هن خبر ٻڌڻ تي محمد بن قاسم راؤڙ جي قلعي ڏانهن رخ ڪيو ۽ آخر اچي قلعي جي هيٺان پهتو. [هوڏانهن مخالفن] قلعي ۾ برجن جي مٿان دهل ۽ شرنايون وڄائي، منجنيقن ۽ مشينن مان پٿر، تير ۽ نيڇا وسائڻ شروع ڪيا.

راؤڙ جو قلعو ونڻ ۽ ڏاهر جي زال مايين (۱) جو پاڻ کي سازڻ.

ٻوءِ محمد بن قاسم لشکر ناهي بيهاريو، ۽ ڪاڙين کي قلعي جي برجن کي ڪاٽ هڻڻ لاءِ مقرر ڪري، لشکر کي ٻن حصن ۾ ورهايو. هڪ حصي ڏينهن جو منجنيق، تيرن ۽ نيزن سان جنگ ڪئي، ۽ ٻئي حصي رات جو نفط ۽ زرنيخ (۲) سان. [اهڙيءَ طرح رات ڏينهن] پٿر ماريندا رهيا جيستائين قلعي جا برج اچي هيٺ ڪريا. ڏاهر جي ٻيڻ مايين (۱) زالن کي گڏ ڪيو [۱۹۴] جيو:

---

(۱) فارسي ايڊيشن ۾ "ٻائي". (۲) فارسي ايڊيشن ۾ "فرداخ"، جا اکثر نسخن جي پڙهڻي آهي سواءِ ۾، جي جنهن جي قرات "فرداج" آهي. "فرداخ" لفظ ٻي معنيٰ ۾ آهي ۽ ڪنهن ٻ لغت ۾ نٿو ملي؛ غالباً هيءُ لفظ "زرنيخ" جي بگڙيل صورتخطي آهي. جو علم ڪيميا ۾ "نفط ۽ زرنيخ" نالا گڏوگڏ مان ٿا (ڏسو انسائڪلو پيڊيا آف اسلام، تحت عنوان "الڪيميا". بشڪريه محترم قاضي احمد ميان اختر). زرنيخ، زرنيق يا زرني يعني هڙتال، جو ٻاه جي آلن اٽارڻ لاءِ استعمال ٿئي ٿو. زرنيخ احمر (Red arsenic)؛ زرنيخ اصفر (Yellow arsenic)؛ زرنيخ قرمز (Realgar). (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"جيڪسينڊ اسان کان ڏار ٿي ويو، ۽ محمد بن قاسم اچي رسيو، بيشڪ اسان کي هنن ڪوڙن ڪاڏي چنڊالن کان چوٽڪارو ڪونہ ٿيندو. اسان جي عزت برباد ٿي چڪي ۽ مهلت پوري ٿي. جڏهن چوٽڪاري جي اميد کانہ آهي، تڏهن ڪائيون، ڪپاهہ ۽ تيل گڏ ڪرڻ گهرجن. منهنجي راء جي تقاضا آهي تہ پاڻ کي باهہ جو نذر ڪري هلي پنهنجن مڙسن سان ملون. جنهن کي ہ وڃي اسانَ ونڊي هجي تہ پلي وڃي. ممڪن آهي تہ ڪيس نجات ملي وڃي." [پوء سڀ] گهر ۾ اندر ويون ۽ باهہ هاري پاڻ کي ساڙهائون. محمد بن قاسم قلعو پنهنجي قبضي ۾ آڻي، ٿي ڏينهن اتي رهيو، ۽ انهن ڇهن هزارن جنگي مردن کي ماريائين جيڪي قلعي ۾ [لڙي رهيا] هئا، ۽ ڪن کي تيرن جو نشان ڪيائون. تنهن کان پوء (باقي) جيڪي ہ هيا تابعدار ۽ لاڪاپيدار، جهڙوڪ زالون ۽ ٻار رهيا، تن کي قيد ڪيائون.

هانڻن، روڪڙ ۽ ڪپڙن جي تعداد جو بيان.

روايتن ۾ آڻين ٿا تہ: جڏهن راوڙ جو قلعو فتح ٿيو، ۽ جيڪسينڊ سان گڏ جيڪي ڪجي ويو، تنهن کان سواء هيا خزانا مال ۽ هٿيار هٿ آيا، تڏهن اهي سڀ محمد بن قاسم جي اڳيان آڻي حاضر ڪيائون. جڏهن هانهان شمار ڪيائون تہ (ڏٺو ويو تہ) ٽيهہ هزار هانهان هٿ آيا هئا، جن سان ٽيهہ راجائن جون ڌيئون هيون.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

راجا ڏاهر جي ڀاڻيجي "حسنه" (۱) نالي ۾ انهن ۾ هئي، جي سڀ حجاج ڏانهن موڪليائين. ٻوءِ ڏاهر جو سر ۽ هاٿن جو پنجون حصو ڪعب بن مخارق المراسبي (۲) جي هٿان عراق موڪليائين. جڏهن ڏاهر جو سر، زالون ۽ مال حجاج وٽ پهتا، تڏهن حجاج، سجدي ۾ سر [۱۹۵] رکي شڪراني جون ۾ رکعتون ادا ڪيون، ۽ گهڻي تعريف ڪرڻ بعد چيائين ته: بيشڪ سڀ خزانا، دفينا، مال ۽ دنيا جو ملڪ مون کي ملي چڪو.

حجاج جو ڏاهر جو سر ۽ ان جا جهنڊا دارالخلافت ۾ موڪلڻ.

ٻوءِ حجاج اهو ڏاهر جو سر، چٽ، غلام ۽ مال وقت جي خليفي وليد ڏانهن موڪليا، (جنهن ۾) خط پڙهڻ شرط خداءِ تعالي عزّوجلّ جي تعريف ۽ شڪرانا چئي، انهن غلام شهزادين کي فروخت ڪرڻ شروع ڪيو، ۽ کي [ڪن ماڻهن کي] انعام طور ڏنائين. راجا ڏاهر جي ڀاڻيجي "حسنه" کي ڏسي متعجب ٿيو ۽ سندس حسن ۽ جمال ڏسي حيرت ۾ پئجي ويو. ٻوءِ عبدالله [بن] عباس انهيءَ جي گهر ڪئي، ته عبدالله بن عباس کي چيائين:

---

(۱) يعني سهڻي- هيءُ غالباً اصل نالي جو عربي ترجمو آهي. (ن-ب)

(۲) اصل ۾ "راستي."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

"اي سوڻ! هن هانهيءَ کي نهايت ڪامل ۽ سهڻو ڏسان، ۽ اهڙو موهجي پيو آهيان جو [پاڻيان ٿو ٿم] انهيءَ کي پنهنجي لاءِ سنيالي رکان؛ ليڪن مناسب اڻين ٿيندو ته، تون ڪيس پنهنجي اولاد (زال) بنائين، جو تو لاءِ وڌيڪ مناسب آهي." پوءِ اجازت موجب عبدالله انهيءَ کي نڪاح ۾ آندو، ۽ هوءَ ڪيتري مدت هن جي تعلق ۾ رهي، پر ان مان کوبه هار پيدا ڪونه ٿيو.

راڻڙ جي فتح جي خبر ملڻ کان پوءِ حجاج جو خط.

ڪالهه جا راوي چون ٿا ته: جڏهن راڻڙ جي فتح حاصل ٿي، ۽ [محمد بن قاسم] عام ماڻهن جي ڪاروبار کان فارغ ٿيو، ۽ حجاج کي اهو نتجنامو پهتو، تڏهن خط جو جواب لکيائين ـ (جواب:) [١٩٦] "اي سوڻ! تنهنجو جان کي خوشي ڏيندڙ خط پهتو، ۽ پهچڻ سان خوشي ۽ سرور ۾ واڌارو ٿيو، ۽ انهيءَ تي پورو ۽ سهڻو فخر حاصل ٿيوه تو جيڪو بنياد خواه قاعدو رکيو آهي سو شرع جي طريقي تي آهي، سواءِ انهيءَ هڪ امان ڏيڻ جي دستور جي: تون خاص ۽ عام کي امان تو ڏين، ۽ دوست ۽ دشمن جو فرق نٿو ڪرين. الله تعالي جو قول آهي (١) يَا اَيُّهَا الَّذِيْنَ آمَنُوْا اِذَا لَقِيْتُمُ الَّذِيْنَ كَفَرُوْا فَضَرْبَ الرِّقَابِ

---

(١) يڪي آيه صرف هيءَ آهي: اذا لقيتم الذين كفروا فضرب الرقاب (سورة محمد: رڪوع ـ ١). (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(اي ايمان وارؤ! جڏهن ڪافرن سان مقابلو ڪريو تہ، ٻوء (سندن) ڪنڌ لاهيو). تنهنڪري جاڻڻ گهرجي تہ خدا عزّ وَ جلّ جو فرمان وڏو آهي. توڪي امان ڏيڻ جو حرص نہ ڪرڻ گهرجي، جو انهيءَ ۾ ڪم ٿو گهرجي. هن ڪان ٻوء ڪنهن بہ دشمن کي امان نہ ڏي، ورنہ سڀني عقل جو ضعف ۽ ڏهڀي جو فتور سمجهندا. والسلام- نافع سنہ ٽيانوي ۾ لکيو."

جيسينڊ جو برهمڻ آباد مان اروڙ ٻاڌيه ۽ ٻين ٻاسن ڏانهن خط لکي موڪلڻ

خبرن جي روايت ڪندڙن ڏاهر جي قتل ۽ محمد بن قاسم الثقفي جي حالات ۾ ڪن ٻيرمرد برهمڻن کان هن طرح آندو آهي تہ: جڏهن راجا ڏاهر لعنتي دوزخ ڏانهن روانو ٿيو، جيسينڊ وڃي برهمڻاباد ۾ قلعيبند ٿيو، ۽ راؤڙ جي فتح حاصل ٿي، تڏهن جيسينڊ لڙائي جي تياري ۽ بندوبست ڪندي چوڌاري خط روانا ڪيا. ڀريون اروڙ جي تختگاهہ ۾ پنهنجي ٻاءُ گوپي (١) ٻٽ ڏاهر ڏانهن، ٻيو ٻاڌيه جي قلعي ۾ پنهنجي ٻائڻي ڇڇ ٻٽ ڏهرسينڊ ڏانهن، ۽ ٽيون (خط) ٻڌيه ۽ ڪيڪانان جي ٻاسي پنهنجي سوٽ ديول (٢) ٻٽ چندر ڏانهن، [١٩٧] انهن [خطن] ۾ ڏاهر جي

---

(١) اصل متن ۾ "نوفي" آهي: ڪيل ترميم لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص [١٥٥]. (ن - ب) (٢) اصل لفظ "دهول" جنهن کي امان سندي نالي جي اصليت جي لحاظ سان ديول ڪري لکيو آهي. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

مارجي وڃڻ جو اطلاع ڏيڻ کان پوء تسلي ڏنائين، ۽ پاڻ بهادر مردن کي ساڻ ڪري برهمڻاباد ۾ لڙائي لاء تيار ٿي ويئو.

بهرور ۽ دهليله جي لڙائي ۽ ٻنهي جي فتح ڪرڻ جي خبر.

پوء محمد بن قاسم برهمڻاباد جو پڪو ارادو ڪيو. اهو شهر آباد ۽ سندس ملڪ ڪشادو ۽ سرسبز هو. راؤڙ ۽ برهمڻاباد جي وچ ۾ ٻه قلعا هئا. جن کي بهرور ۽ دهليله سڏيندا هئا. انهن قلعن ۾ اٽڪل سورهن هزار جنگي مرد موجود هئا. محمد بن قاسم اتي پهچي ٻن مهينن تائين گهيرو ڪيو. جڏهن لڙائي ڊگهي ٿي، تڏهن محمد بن قاسم جي حڪم ڪرڻ تي لشڪر جو ڪجهه حصو ڏينهن جو جنگ ڪندو رهيو ته ڪجهه رات جو لفط ۽ منجنيق سڀيندو رهيو. نيٺ سندن [قلعيوارن جا] سڀ لڙائي ڪندڙ مرد کسي ويا، ۽ قلعي جون پٽيون ڪيرائي قلعي ۾ اندر اچي ٻانهان ۽ غلام گرفتار ڪيائون، ۽ گهڻو مال هٿ ڪري، پنجون حصو ولي دارالخلافت جي خزاني جي حوالي ڪيائون.

جڏهن راؤڙ ۽ بهرور جي فتح ٿيڻ جي خبر دهليله ۾ پهتي تڏهن جاتائون ته: محمد بن قاسم وٽ ڪافي ساز و سامان آهي. اسان کي ڪائنس بچيرواهه نه ٿيڻ گهرجي، (سو) واپاري هندستان ڏانهن هليا ويا، ۽ جنگي جوڌا ٻنهنجي ملڪ (جي بچاء) لاء ڪڙا ٿيا. آخر محمد بن قاسم به دهليله

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ٻر پهتو، اڪل ٻــ مهينا انــي رهيو. جڏهن قلعيوارا تنگ ٿيا، ۽ [۱۹۸] کين يقين ٿيو تہ ڪنهن ٻہ طرف کان مدد ڪانہ پهچندي، تڏهن موت جــا ڪپڑا پائي، پاڻ کي عطر ۽ خوشبوء سکي، پنهنجن ٻــارن ٻچن کي قلعي جــي انهي دروازي کان باهر سوڪلياٿون، جنهن جو رخ ريگستان ڏانهن هو، ۽ (پاڻ) منجهل نهر (۱) مان پار ٿيا، ۽ مسلمانن کي هن حال جي خبر ڪانہ رهي.

دهليله جي راجا جو پڇي وڃڻ.

جڏهن صبح صادق انڌاريء رات جي پردي مان ٻــاهر نڪتو تڏهن محمد بن قاسم کي انهن ماڻهن جي نڪري وڃڻ جــو حــال معلول ٿيو. پنهنجو ڪجهہ لشڪر سندن پويان روانو ڪيائين، جــن انهن مان ڪن کــي نهر (۲) اڳيندي وڃي پڪڙيو، ۽ سيني کي خونخوار تلوار جو ڪــاڄ بنايو؛ جيڪي اڳ ٻر ٿپي ويــا هئا، سي جيسلمير ۽ ريگستان جي رستن کــان هندستان جي سير (۳) ملڪ ڏانهن هليا ويــا. انهن جي بادشاهہ جو نالو ديو راج (۴) هــو، جو ڏاهر جو سوڻ هو.

---

(۱) اصل ٻر: أب منجهل (۲) اصل لفظ "جوي" جنهن جو ترجمو "نهر" ڪيو ويو آهي (۳) پ: ٻيلا: هند و سيوڙ؛ ن، ب، ح: سفر (۴) پ: ديوارا؛ ن: ديوار؛ ب، ح، س، ڪ: ديوار.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دهليله جي فتح ۽ خزاني جو پنجون حصو دارالخلافت ڏانهن موڪلڻ

محمد بن قاسم جڏهن دهليله جي لڙائي کان واندو ٿي ان کي فتح ڪيو، تڏهن مال جو پنجون حصو دارالخلافت جي خزاني جي حوالي ڪري بهرور ۽ دهليله جو فتحنامو حجاج ڏانهن لکي (ڪيس) پورو احوال ٻڌايائين.

سياڪر وزير جو اچڻ ۽ امان ۾ گهرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم هندستان جي بادشاهن ڏانهن چؤطرف خط لکي ڪائڻ اسلام ۽ فرمانبرداريءَ جي گهر ڪئي. ڏاهر جي وزير سياڪر هن حقيقت ٻڌڻ تي پنهنجا پروسي جوگا ماڻهو موڪلي امان ۾ گهري، ۽ اهي مسلمان زالون جيڪي قيد هيون سي پاڻ سان آنديون [۽ چيو] ته: هي اهي مسلمان عورتون آهن جن حجاج جو نالو ونڊي ٿي دانهون ڪيون [۱۹۹].

سياڪر جو وزير ٿيڻ.

محمد بن قاسم انهيءَ جي عزت افزائي لاءِ سندس آڏو وڏا ماڻهو استقبال لاءِ روانا ڪيا، ۽ عزت ۽ تعظيم سان مٿس ڏاڍيون مهربانيون ڪري، وزارت جو ڪم سندس حوالي ڪيو، ۽ هو (پڻ) مسلمانن جو خيرخواهه رهندو آيو، ۽ امير محمد بن قاسم کي جيڪا به صلاح يا راز جي ڳالهه

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کرڻي هوندي هٿي، سا سائس کندو هو، ۽ کانئس صلاح وٺندو هو، بادشاهيءَ جون سڀ گاله‌يون، صلاحون ۽ ضروري کاروبار جو انتظام يا بادشاهيءَ جي سلامتيءَ (جو احوال) کيس ٻڌائيندو هو. هو محمد بن قاسم کي چوندو هو ته: "هيءَ صلاح ۽ راءِ، جا امير عادل چوي ٿو سا عقل جي سيني ملکن کي قبضي ۾ آڻيندي. بادشاهيءَ جي قاعدن جا آداب ۽ حڪومت جي قانون جو انتظام، جو انهيءَ ۾ سمايل آهي، سو سيني دشمنن کي مغلوب ۽ ذليل کندو. رعيت ۽ دل پريندڙن جي دلجوئي ٿيندي." [۽ پڻ هو چوندو هو ته:] "ديواني مال جي قانونَ کي قديمي دستور موجب قائم ۽ مقدم رکيو وڃي؛ ۽ جنهن صورت ۾ انهيءَ ۾ کاڌ زيادتي کاڌ آهي، تنهنکري کنهن به ماڻهوءَ کي ايذاءَ نه رسندو، ۽ اها صلاح کامورن ۽ دوستن جي تربيت کندي."

نُوبَة بن هارُوْن کي ڏهليله جي حڪومت عطا ڪرڻ.

کي ماڻهو روايت ڪن ٿا ته: جڏهن ڏهليله فتح ٿيو ته محمد بن قاسم نُوبَة بن هارون کي سڏي کانئس بيعت ورتي، ۽ آنان کان وڏاڻيڙه (۱) ٽائين ملک سندس انتظام هيٺ ڏيئي، کناري جي ٻيڙين جو کم سندس حوالي کيو؛ پڻ انهيءَ قلعي جي ايرندي ۽ الهندي کناري جو پورو کاروبار سندس هٿ ۾ ڏنائين. اتان کان

(۱) بن: ودهاته

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

برهمٹاباد ڏي ميل هو، ۽ جيڪسينڊ [پٽ] ڏاهر کي پڻ خبر پهتي تہ اسلام جو لشکر پهچي رهيو آهي [۲۰۰]

عرب جي لشکر جو جلوالي (۱) ديوري (يا ديبل) (۲) جي کناري تي لهڻ، ۽ اسلام ڏانهن دعوت ڏيڻ لاءِ قاصد موکلڻ.

پوءِ محمد بن قاسم دهليله کان منزل پٽي، برهمٹاباد جي اپرندي طرف "نهر جلوالي" (۱) جي کناري تي وڃي لٿو، ۽ پنهنجو اعتماد جوگهو قاصد برهمٹاباد موکلي، (انهن کي) تابعداري کرڻ ۽ ايمان آڻڻ جي دعوت ڏنائين، ۽ کين اسلام ۽ جزيي جي آڇ کيائين: (اهو ٻڌي چيائين) تہ

(۱) فارسي ايڈيشن ۾ هن لفظ جي صورتخطي "جلواني" ڏنل آهي؛ مگر هتن ٻنهي جاين تي ب ر م جهڙن معتبر نسخن جي متفق پڙهٹي "جلوالي" آهي، ۽ ن ب ح ک جي "حلوالي"، جا پڻ غالباً "جلوالي" جي تصحيف آهي. وري هيٺ ص [۲۱۶] تي ب جهڙي قديم نسخي جي قراءت "جلوالي" آهي؛ انهيءَ کري اسان اها ئي پڙهٹي اختيار کئي آهي. وڌيڪ توضيح لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [۲۰۱]. (ن-ب) (۲) اصل لفظ: "آبگير" جنهن جي لفظي معنيٰ "تلاءَ" مگر کناري جي مفهوم جي نقطہ نظر سان ڇڇ، ڊنبل يا ديوري جي معنيٰ ۾ نکري سگهي ٿي. مٿي ص [۱۶۰] تي "آبگير" جڏ "خليج" جي مترادف کم آندو ويو آهي. جڏ تہ هت هيٺ وري "نهر جلوالي" استعمال ٿيو آهي، انهيءَ کري اسان هت "آبگير" جي معنيٰ ۾ "ديوري" کي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جيڪڏهن فرمانبرداري قبول نه ڪندا تہ پوء لڑائي لاء تيار رهو. جيسينه [پٽ] ڏاهر، قاصد جي پهچڻ کان اڳ پرٽي چنيسر (۱) طرف ويل هو. [برهمٹاباد جي] قلعي کي چار دروازا هنا، تنهنڪري [جيسينه] شهر جي رئيسن مان سورهن ماڻهو چونڊي، هرهڪ دروازي تي چار ماڻهو اڳواڻ ڪري، پنهنجي فوج سميت مقرر ڪري ويو هو. انهن دروازن مان هڪ دروازي کي جريطري (۲) چوندا هنا. چار رئيس ماڻهو انهيء دروازي لاء هم جوابدار ٺهرايا هنائين: هڪ کي بهارند، ٻي کي ساڌيا، ٽين کي بنورہ (۲) ۽ چوٿين کي سالها [ٽي سڏائون].

رجب مهيني جي پهرين تاريخ تي محمد بن قاسم جو اچي لهڻ.

محمد بن قاسم اتي پهچڻ تي کاهي کوڻڻ جو حڪم ڏنو.

---

(۱) هيء پڙهڻي م ر مطابق آهي؛ پ جي پڙهڻي "جنيسر" آهي جا ٻن ان جي مشابهه آهي؛ ن: جسيرا؛ ب ح: جيسر؛ س: چنير؛ ڪ: جهنيسر. (ن-ب) (۲) هي فارسي ايڊيشن جي پڙهڻي آهي جا غالباً پ مطابق آهي؛ ر: جويطري يا جوبطري؛ م: جوبطري؛ ن ب س: حريطري؛ ح: حريطه. (۳) "بنوره" قديم نسخي پ جي پڙهڻي آهي ۽ اسان انهيء کي ترجيح ڏيڻي ترجمي ۾ رکيو آهي. ن ب ۾ "منوده" ۽ س ڪ ۾ "منوره" آهي، ۽ انهن پڙهڻين جو پويون حصو ب تقريباً پ جي پڙهڻي مطابق آهي. فارسي ايڊيشن ۾ "هاليه" پڙهڻي اختيار ڪئي وئي آهي جا غالباً فقط نسخي م مطابق آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هومر ڏينهن (۱) پهرين رجب تي لڙائي شروع ڪيائون. مشرڪن ڏهاڙي باهر نڪري لڙائي ٽي ڪئي ۽ نغارا ٽي وڄايا. انڪل چاليهه هزار جنگي جوان هئا. صبح جي شروع ٿيڻ کان شام جي پوري ٿيڻ تائين، ٻنهي طرفن وارا سخت لڙائي ڪندا هئا، ۽ جڏهن [۲۰۱] تارن جو بادشاهه (سج) لهڻ جو ارادو ڪندو هو، تڏهن موٽي ويندا هئا: مسلمان ڪاهيءَ جي اندر ايندا هئا ۽ ڪافر قلعي ۾ ويندا هئا. اهڙي دستور چهه مهنا پورا ٿيا. جڏهن [محمد بن قاسم] قلعي هٽ ڪرڻ کان نااميد ٿيو، تڏهن ڪٽنيءَ ۾ پنجي ويو. [اهو وقت] ذوالحج مهيني جي ڇاڙي ۽ آڇر جو ڏينهن سنه ٽيانوي (۲) [هو].

جيسنه، رمل جي بادشاهه ڏانهن ويو هو، جنهن کي پائبه به چوندا هئا، اتان وري وري موٽي، رستا ڦري اسلام جي لشکر کي تڪليفون ڏئائين.

موڪي ڏانهن معتمد ماڻهو موڪلڻ.

محمد بن قاسم، موڪي [ٻٽ] وساڻي (۳) ڏانهن هڪ اعتماد جوگهو ماڻهو موڪلي، (ڪيس) هن حال کان واقف ڪيو ته: "اسان کي جيسنه جي طرفان وقت ۽ وقت تڪليف ٿي پهچي،

---

(۱) ب جي پڙهڻ "دو شنبه" يعني "سومر ڏينهن آهي"، مگر ٻين جملي نسخن، ز م ن ب ک س، مطابق "روز شنبه" يعني "آڇر ڏينهن" آهي. (ن - ب). (۲) هن سنه ۾ غلطي آهي؛ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [۲۰۲]. (ن - ب) (۳) فارسي ايڊيشن ۾ هن جاءِ تي "موڪه پسايه" آهي.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چاکاڻ تہ لشکر جي گاهہ کي نقصان رسائي تنگ ڪو ڪري. هن لاءِ کڻي رت آهي؟" (روايت): موکي چوائي موڪليو تہ: "هن جي رهڻ جي جاءِ ويجهي آهي. هن کي اتان ٽڙي ڪيڏ ڪان سواءِ ٻيو ڪوبہ بهتر حيلو ڪونہ آهي. [توهان کي] پنهنجي لشکر مان کي اعتماد جوگا بزرگ موڪلڻ گهرجن تہ سندن پاڻ اتان پڻي ڪيون."

جيڏسينڊہ جو چترور (۱) وڃڻ.

پوءِ نبانة(۲) بن حنظلہ ڪلابي، عطيہ ثعلبي (۳)، صارم بن ابي صارم همداني، عبدالملڪ مدني پنهنجن پنهنجن سوارن سميت [موڪلياٿين]؛ موڪي ٻڌ وسايي ڪي سندن ساز و سامان تيار ڪري روانو ڪياٿين ۽ خريم بن عمرو المدني (۴) کي (انهن جو) سڀهہ سالار بنايائين. جيڏسينڊہ کي (جڏهن) عرب جي لشکر جي باهر نڪرڻ جي خبر پئي تہ اتان مال

---

(۱) "چترور" پڙهڻي ب مطابق آهي؛ ر م: جترور فارسي ايڊيشن ۾ "چتور" پڙهڻي اختيار ڪيل آهي. وڌيڪ لاءِ ڏسو مٿي حاشيہ ص ۳۶. (ن ـ ب) (۲) اصل ۾: بنانه (۳) فارسي متن ۾ "عطيه ثعلبي"؛ غالباً صحيح "ثعلبي" آهي، جنهن لاءِ ڏسو مٿي حاشيه (۱) ص ۲۲۳. (ن ـ ب) (۴) فارسي ايڊيشن ۾ هيءَ نسبة "الديهي" طور ڏنل آهي ۽ جملي نسخن جون پڙهيون ۽ بالڪل مبهم آهن. غالباً صحيح "المدني" آهي جيئن تہ مٿي ص [۱۸۰] تي هي ناالو صاف طور "خريم بن عمرو مدني" چاڻايل آهي. (ن ـ ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ عيال سوڏو هليو ويو، ۽ ريگستان جي رستن کان وڃي چترور جي ملڪ ۾ انهيءَ جاءِ تي پهتو جنهن کي [۲۰۲] جنگن وعورا اوڪايا (۱) چون ٿا ۽ اتي ترسي پيو. عِلاڦي ڪانئس جدا ٿي طاڪيه جي شهرن (۲) ناڻين ويو (۳)، ۽ رويم جي سرحد تي روستان جي آسپاس ڪشمير جي بادشاهه جي خدمت ۾ حاضر ٿيڻ جو ارادو ڪيائين (۳). اهو ملڪ رڻ پٽ آهي. (۴) پوءِ اتان راجڙي طرف خط لکيائون (۴)- اهو تختگاهه جيل ۾ آهي- ۽ [خط ۾]

---

(۱) ر: جنگن وعوراوڪايا؛ س: جيڪن وعورا اولجا. (ن - ب) (۲) اصل متن ۾: بيلاد طاكيه. (۳) - (۳) فارسي ايڊيشن جي عبارت: "و قصد نمود بخدمت ملک کشمير، در حوالي روستان بر سرحد رويم". مختلف نسخن ۾ "روستان" (جو ن ب مطابق آهي) جون ڇڙهيون هن طرح آهن. پ م ک: روستا؛ ر: روستا، ح: روسنان. ن ب ک ح ۾ "رويم" جي بدلي "زوم" آهي. ر م ۾ متين جملي جو پويون حصو هن طرح آهي: "که در حوالي روستا (۵) بر سرحد رويم است". روستا جي معنيٰ هڪ ڳوٺ يا شهر يا آباد علاڪو ۽ ٿي سگهي ٿي- والله اعلم بالصواب. (ن - ب) (۴) - (۴) فارسي ايڊيشن جي عبارت: "پس از آنجا بر راي جيتري بنبشتند". ن ب ح ۾ "راي جيتري" آهي؛ انهيءَ لحاظ سان معنيٰ ڏيندي: "پوءِ اتان جيتري جي راجا ڏانهن خط لکيائون". مگر هيٺ صاف طور ظاهر آهي ته خط ڪشمير جي راجا ڏانهن لکيا ويا هٿا ۽ انهيءَ ڪري هن جاءِ تي "راي ڪشمير" جي بدران "راي جيتري" بي معنيٰ ٿو نظر اچي. ٻن نسخن ۾ "جيتري" جي بدلي ٻيون مبهم ڇڙهيون آهن. مثلاً- پ: جنسر؛ ر م: خبري؛ ک: چتري؛ س: چيزي. اسان جي خيال ۾ "راي جيتري" "راي خبري" "ري چتري" وغيرها در اصل غالباً "راجيڙي" يا "راجڙي" جون مختلف صورتون آهن، ۽ راجڙي ساڪيو ڪشمير جو مڪمل مهر "راجا وري" آهي جو ذڪر البيروني پنهنجي "كتاب الهند" ۾ ڪيو آهي. وڌيڪ وضاحت لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيه ص [۲۰۳]. (ن - ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

چيائينس تہ: "[آءُ پنهنجي] رضا ۽ دل جي خوشيءَ سان خدمت ۾ آيو آهيان."

[عِلافيءَ] جو ڪشمير جي راجا ڏانهن وڃڻ (۱)

ڪشمير جي راجا خط پڙهي، حڪم ڪيو، جنهن تي ڪشمير جي ضلعن مان هڪ ڏيهه، جنهن کي شاڪلهار چون ٿا، [علافيءَ] (۱) کي جاگير طور ڏنائون.

ڪشمير جي راجا جي [علافيءَ] کي عزت ڏيڻ (۲).

جنهن ڏينهن ملاقات ڪيائون [انهيءَ ڏينهن ئي، ڪشمير جي راجا] پنجاهه سنجيل گهوڙا ۽ ۾ سؤ قيمتي خلعتون

---

(۱) جملي معتبر نسخن، پ م ر ن ب س ڪ، مطابق هي عنوان هن طرح آهي: رفتن جيسينه بر رانه ڪشمير (يعني جيسينه جو ڪشمير جي راڻي ڏانهن وڃڻ). ان بعد هن عنوان هيٺ ۾ علافيءَ جي نالي جي بدران جيسينه جو نالو آهي. جيڪڏهن اهو صحيح آهي تہ ٻوءِ غالباً هن کان اڳ واري عبارت ۾ ڪو خلل آهي، ۽ جيسينه جو ڪشمير ڏانهن وڃڻ وارو فقرو حذف ٿي ويو آهي. متين عبارت ۾ "راجڻري طرف خط لکيائون (بتبشتند)" ۾ جمع جو صيغو آهي ۽ قدري گمان نٿو ڪري تہ علافي اڪيلو نہ هو، پر شايد ٻيو ۽ ڪو ساٿس گڏ هو. مگر جيئن هن عنوان ۽ هن کان بعد واري عنوان هيٺ سڄي عبارت جو متن ٻڌل آهي، ان مان علافي جو ڪشمير ڏانهن وڃڻ قرين قياس معلوم ٿئي ٿو. فارسي ايڊيشن جي فاضل ايڊيٽر ۽ هتي متن ۾ "جيسينه" جي بدران "علافي" رکيو آهي ۽ اسان ۽ انهيءَ ترميم کي ترجيح ڏني آهي. (ن-ب) (۲) هي عنوان پ ن ب ڪ ۾ ڪونهي مگر م ر ۾ ڏنل آهي ۽ انهن ٻنهي نسخن ۾ "علافي" جي بدران "جيسينه" جو نالو آهي. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سندس [عـــلافيءَ جي] رفيقن کي ڏنـــا. [ع ـ لافي] جَهُم بن سامة الشّامي کي شاکلهار جي جاگيرن تي موکليو. جڏهن ڪشمير جي راجا جي خدمت ۾ پيو دنعو ويو، تڏهن [هن] هو اعزاز ۽ اڪرام سان پيش آيس ، ۽ ڪيس چٽ، ڪرسي، ڪمربند ۽ ڏولي عطا فرمايائين. اهـــو شرف خـــاص وڏن بادشاهن لاءِ هوندو آهي. پوءِ عـزت ۽ عظمت ســـان ڪيس سڏي سوليءَ راهه سان سندس جاگيرن تي واپس موکليائين. ڪجهه وقت کان پوءِ [علافي] نيٺ شاکلهار ۾ مري ويو. ۽ جَهُم بـن سامة سندس جـــاءنشين ٿيو. سندس نسل اڄ ڏينهن تائين موجود آهـي. هـــن مسجدون ٺهرايون ۽ ڏاڍي [۲۰۳] عزت ۽ درجـو حاصل ڪيو. ڪشمير جـــو بادشاهه (همیشه) ڪيس عزت سان پيش ايندو هو.

[جَيْسِينْه جو چترور ڏانهن وڃڻ] (۱)

پوءِ جَيْسِينْه وڃي چترور (۲) جي ملڪ ۾ رهيو، ۽ اتان گوپي [پٽ] ڏاهر (۳) ڏانهن اروڙ خط لـــکي پنهنجي نڪري وڃڻ جي خبر کـــان واقف ڪري، اروڙ جي قلعي بچائڻ جي پـــارت ڪيائينس. گوپي [پٽ] ڏاهـــر (۳) اهو خط پڙهي، جَيْسِينْه جي چترور (۲) وڃڻ تي (پنهنجي) دل مضبوط ڪئي.

هيءَ عنوان جملي نسخن ۾ ڏنل ڪونهي ڇاڪاڻ ته سڀني نسخن ۾ متان کان وڌي جيسينه جو ذڪر هلندڙ آهي. جيڪڏهن ته اسان ترسيم ڪري ، هر جڳهه "جيسينه" جي بدران "علافي" جو نالو لکيو آهي ، انهيءَ ڪري هن عنوان کي فارسي ايڊيشن مطابق قائم رکيو ويو آهي، انهيءَ لاءِ ته متي علافي ۽ هيٺ جيسينه جي حالات ۾ تميز ٿي سگهي . (ن ـ ب) (۲) اها پڙهڻي ب م مطابق آهي ؛ ر: جترور؛ ن ب: جتور (۳) اصل عبارت: قوفيءِ داهر.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

جڏهن محمد بن قاسم برهمٹاباد جي لڑائيءَ ۾ ڇهه مهينا رهيو، ۽ جنگ اينگهه ڪئي، ۽ هوڏانهن جيسينه جي چنيسر (۱) مان [ٽڪري وڃ جي]- خبر پهتي، تڏهن چار وڏا واپاري، جيڪي برهمٹاباد جي قلعي ۾ انهيءَ دروازي وٽ هٽا، جنهن کي جريطاري (۲) چوندا هٽا، تن پاڻ ۾ صلاح ڪري چيو تہ: عرب جو لشڪر سيني شهرن تي غالب آهي ۽ راجا ڏاهر ڪسي ويو؛ ڇهن مهينن جو عرصو گذري چڪو آهي تہ هيءُ قلعو گهيري هيٺ آهي: نہ اسان ۾ ايتري طاقت ۽ همت آهي جو لڑائي ۾ هن سان سامهون ٿي سگهون، ۽ نہ صلح ڪرڻ لاءِ کو طريقو آهي. ڪٽي کي ۽ ٿي ڏينهن ٻيا ۽ ٻيهي سگهجي پر آخر (قلعو) فتح ٿي ويندو. اسان کي ڪنهن ٻئي طرف کان کو ۽ واهرو کولهي جو اسان جي واهر ڪري، يا مدد جا اميدوار ٿي سگهون. راجا موجود کونهي. جنهن وٽ اسان کي پناهه ملي، ۽ هن کان وڌيڪ هن لشڪر سان لڑائي ۾ مقابلو نٿا ڪري سگهون. هاڻي جيڪڏهن يڪراءِ ٿيو تہ باهر نڪري کسي وڃ تائين لڑائي جي ڪوشش کريون. ڇاڪاڻ تہ اگرچ صلح ٿيندو تہ ۽ سيني هٿياربند خونخوار تراز جو ڪاڄ ٿيندا ۽ عام ماڻهن جهڙوڪ واپارين، ڪاريگرن ۽ هارين کي امان ڏيندا. ۽ جيڪڏهن اسان کي اعتماد ٿئي تہ ٻوء تہ بهتر ائين ٿيندو تہ جيڪڏهن کو معاهدو وچ ۾ ٿئي تہ قلعو سندس [محمد بن قاسم جي] حوالي کريون، (۽ هو) اسان کي [۲۰۴]

---

(۱) ب ن ح: چنيسر (۲) ر: جويطري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پنهنجو فرمانبردار سمجهي، مٺرب بنائي ، ۽ امان ۽ سڀ سائس تعلق پيدا ڪري خدمت جا شرط بجا آڻيون. انهيءَ ٺهراءَ تي متفق ٿي قاصد موڪلياڻون، ۽ پنهنجي لاءِ عيال ۽ هارن سميت امانَ گهرياڻون.

پڪي انجام ڪرڻ تي امانَ ڏيڻ.

محمد بن قاسم انهيءَ پڪي انجام تي انهن کي امان ڏني. باقي ٻين سڀني هٿيارن ڪندڙن کي قتل ڪري ڇڏياڻون، ۽ سندن تابعدارن ۽ لاڳاپيدارن کي قيد ڪرايائون . انڪل ٽيهه هزار غلام قيد ۽ قبضي ۾ آيا، ۽ انهن (امانَ وٺندڙن) تي دل مقرر ڪياڻون.

(روايت:) انهيءَ پيغام اچڻ کان پوءِ حجاج جي سڀني امير ن ۽ مکيه ماڻهن کي سڏي انهن کي هيءُ پيغام پڙهي ٻڌايائين ۽ فرمايائين تہ: برهمٽاباد کان قاصد آيا آهن، تن جون گالهيون ٻڌو ، ۽ فڪر ڪري چڱو جواب ڏيو. (موڪي [پٺ] وساڻي جي تدبير:) پوءِ موڪي [پٺ] وساڻي چيو تہ "اي امير! هيءُ قلعو، هنڌ ۽ سنڌ جي سڀني قلعن جو سردار ۽ تختگاهه آهي. جيڪو ٻ هيءُ جڳهه فتح ڪندو، سڄي سنڌ انهيءَ جي هٿ هيٺ ٿيندي، ۽ مضبوط قلعا سندس اقتدار ۽ اختيار هيٺ ايندا. آسپاس جا ماڻهو ڏاهر جي اولاد کان دل برداشته ٿي، کي پڄي ويندا ۽ کي فرمانبردار ٿيڻ جو طوق پنهنجي ڳچيءَ ۾ وجهندا."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

(محمد بن قاسم جو حجاج جي خدمت ۾ عرضداشت موڪلڻ:)

پوء محمد بن قاسم حجاج کي هن حال کان واقف ڪيو. (هوڏانهن) انهي جماعت ڏانهن پروانو موڪلي ساڻن وقت مقرر ڪيو. انهن چيو تہ: فلاڻي ڏينهن جريطي (١) واري دروازي وٽ اچجوُ تہ اسان جنگ لاء باهر نڪرنداسون، [٢٠٥] ۽ جڏهن سامهون ٿينداسون تہ وچ جنگ ۾ جڏهن عربن جو لشڪر حملو ڪندو، تڏهن اسين پڇي قلعي ۾ وينداسون، ۽ دروازو کليل ڇڏي ڏينداسون.

(جواب اچڻ:) جڏهن لکئي جو جواب حجاج وٽ پهتو تہ، انهن کي اسان ڏيئي ساڻن ڪيل وعدو پورو ڪريو، تڏهن قلعيوارن ماڻهن، ساڻن ٽوري ساعت جنگ ڪئي. جڏهن عرب جو لشڪر حملو ڪري وڃي ساڻن ڳنڍيو، تڏهن قلعيوارن پڇي وڃي پاڻ کي قلعي اندر سٽيو، ۽ دروازو کليل ڇڏي ويا؛ جنهنڪري عربن دروازو هٿ ڪيو ۽ لشڪر سندن پويان اچي قلعي جي پتين تي چڙهيو، ۽ مسلمانن تڪبير هٿئي. قلعيوارن ڏٺو تہ عرب جو لشڪر غالب ٿي ويو سو ايرندي وارو دروازو کولي شڪست کائي باهر نڪتا. محمد بن قاسم حڪم ڪيو تہ جنگ کنڊ ماڻهوءَ کان سواء ٻئي ڪنهن کي به قتل نہ ڪيو. جنهن کي هٿيار ڏناڻون تنهن کي گرفتار ڪري هٿيارن، تابعدارن، ۽ عيال سميت محمد بن قاسم جي

---

(١) ر: جويطري.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اگيان آندائون. جنهن ماڻهو کندڙ هيٺ ڪري امانَ گهري تنهن کي ڇڏيائون ۽ کين موڪلائي گهرن ۾ وهاريائون.

جَيْسِينْهه ۽ راجا ڏاهر [بن] ڇچ جي زال جو (مقابلي لاءِ) ٻيهڙ جي خبر

برهمڻاباد جي مکيه ماڻهن کان ڏنڊ کڻائن ۾ آئين ٽڪا (١) ته: جڏهن برهمڻاباد جو قلعو هٿ آيو تڏهن ڏاهر جي زال لاڏي (٢)، جا ڏاهر جي قتل ٿيڻ کان پوءِ ڏاهر جي پٽ سان برهمڻاباد ۾ (جنگ لاءِ تيار ٿي) ٻيٺي هئي، چيو ته: "هيءَ مضبوط قلعو ۽ عيال ڪيئن ڇڏينداسون؟ اسان کي لاچار هتي رهڻ گهرجي، جيئن دشمن تي غلبو حاصل ڪريون ۽ اسان جو ملڪ ۽ گهر سلامت رهي. ۽ جيڪڏهن عرب جو لشکر غالب ٿيو ته پوءِ کا بي تدبير ڪنداسون." ائين چئي مال ۽ خزانو باهر ڪڍي لشکر جي بهادرن کي ڏنائين، ۽ جوڌن کي دلجاءِ ڏيئي ڏنائين، ۽ اهي ٻئي دروازي تي جنگ ڪندا ٿي رهيا. لاڏيءَ جي هيءَ تجويز هئي ته: "جيڪڏهن قلعو فتح ٿيو ته مان پاڻ کي هارن ۽ پوٽلڳن سميت سازبندڙ باهر جي خوراڪ بنائيندس." مگر اوچتو قلعو [٣٠٦] فتح ٿي ويو، ۽ معتبر ماڻهن ڏاهر جي [حمايت واري]

---

(١) اصل الفاظ: "در آقاويل مي آرند" (٢) اصل صورتخطي: لادي

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

دروازي تي پهچي راجا ڏاهر جي لاڳاپيدارن کي (هڪدم) باهر ڪيو ، تہ جيئن ٻاڻ کي هلاڪ نہ ڪن، ۽ لاڏي گرفتار ٿئي.

ڏاهر جي زال لاڏي ۽ ٻن ڪنوارين ڏيئن کي گرفتار ڪرڻ.

پوء جڏهن غنيمتون ۽ غلام، محمد بن قاسم جي اڳيان آندائون؛ ۽ هرهڪ جو احوال معلوم ڪيائين، تڏهن معلوم ٿيو تہ ڏاهر جي زال لاڏي قلعي ۾ آهي، ڏاهر جون ٻہ ڏيئون (ڌيئرون) ۽ ان زالن جي وچ ۾ منهن ڏيکيون (ٻيئرون) هيون، جن کي هڪ خادم جي حوالي ڪري جدا ويهاريائين.

غنيمت جي مال جو انداز ۽ پنجون حصو.

پوء ٻانهان چونڊيائون ۽ پنجون حصو ٻاهر ڪيائون. اٽڪل ويهہ هزار ٻانهان چونڊيائين ۽ پنجون حصو ٻاهر ڪڍي باقي لشکر کي ڏنائين.

واپارين ۽ ڪاريگرن کي امان ڏيڻ.

پوء واپارين، ڪاريگرن ۽ عام ماڻهن کي امان ڏيئي، سندن قيدين کي آزاد ڪيائين، ۽ ٻاڻ عدالتگاهہ ۾ ويهي لڙائي ڪندڙ جماعت کي تہ تيغ ڪيائين، ۽ اهڙيءَ طرح، چون ٿا تہ اٽڪل ڇهہ هزار جنگي جوان قتل ڪيا ويا. ڪي چون ٿا تہ سورهن هزار مرد ڪٽا ويا، ۽ ان کي معافي ڏنائين.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڏاهر جي لاڪاپيدارن برهمڻن جي خبر.

کي ماڻهو روايت ڪن ٿا تہ: جڏهن ڏاهر جي لاڪاپيدارن کي ٻانهن ۾ نہ ڏسي شهر جي رئيسن کان پڇا ڪيائون، تڏهن کنهن ب ماڻهو انهن جو پتو نہ ٻڌايو. نيٺ ٻئي ڏينهن برهمڻن مان اٽڪل هڪ هزار ماڻهو، مٿا ۽ ڏاڙهيون ڪوڙائي [۳۰۷] امير محمد بن قاسم جي دربار ۾ حاضر ٿيا.

برهمڻن جو محمد بن قاسم وٽ اچڻ.

محمد بن قاسم هنن کي ڏسي پڇيو تہ: "هن ٽولي وارا ڪهڙي فوج مان آهن، جو هن شڪل ۾ پهتا آهن؟" چيائون: "اي وفادار اميرا اسان جو راجا برهمڻ هو، جڏهن انهي کي کٽائون ۽ هي ملڪ کانئس نڪري ويو، تڏهن هن جي وفاداريءَ ۾ کن پاڻ کي ماري ڇڏيو، ۽ باقين سنديس سوءِ ۾ زرد ڪپڙا پائي ڏاڙهيون ۽ مٿا ڪوڙايا. هائي جڏهن الله تعالي عزّ و جلّ هيءَ بادشاهي توهان جي حوالي ڪئي آهي، تڏهن عادل امير جي خدمت ۾ حاضر ٿيا آهيون تہ باقي بچيلن لاءِ ڪهڙو حڪم ٿو ڪري. محمد بن قاسم ويچار ڪري چيو تہ: "منهنجي جان ۽ سر جو قسم تہ هي ڏاڍا وفادار آهن. انهن کي هن شرط تي امانَ ڏيسين تہ ڏاهر جا لاڪاپيدار جتي ب هجن انهن کي هٽ ڪندا."

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

محمد بن قاسم جو برهمڻن سان وعدو ڪرڻ ۽ امان ڏيڻ

پوء برهمڻن هن مضبوط عهد نامي جي بناءِ تي ڏاهر جي زال لاڏيءَ کي بهري سان ٻاهر ڪڍيو ۽ باقي ماڻهن تي رسُول اللّٰه، الصّلواة والسّلام عَلَيْهِ، جي طريقي موجب ڊل مقرر ڪيائون. جڏهن اسلام جي شرف سان مشرف ٿيا، انهن کي هٿهپ، مال ۽ چونڊ (۱) کان معافي ڏنائون. جن ايمان نه آندو تن کي ڏن حصن ۾ (وراهي) مٿن ڊل مقرر ڪيائون: ٻڌيون، سردارن جي ٽولي مان هرڪ تي ۴۸ درهم تور چاندي؛ ٻي ٽولي تي ۲۴ درهم تور چاندي؛ ۽ هيٺياهين درجي واري ٽولي تي ۱۲ درهم تور (چاندي) مقرر ڪيائون؛ [۳۰۸] ۽ [محمد بن قاسم] فرمايو تہ: "اڄ وڃو؛ جيڪي مسلمان ٿي اسلام ۾ ايندا تن تان ڊل معاف ڪئي ويندي، ۽ جيڪي پنهنجي طريقي تي حريص رهندا سي چونڊ (۱) ۽ جزيہ قبول ڪري، پنهنجي ابن ڏاڏن جي طريقي تي رهندا." پوء انهن مان ڪن (اسلام تي) رهڻ اختيار ڪيو ۽ کي جزيہ قبول ڪري؛ پنهنجن وڏن جي طريقي تي هلڻ ڏنا. سندن زمينون ۽ گهوڙا انهن کان نہ ورتا ويا.

---

(۱) چونڊ لاءِ اصل لفظ "گزيند" آيل آهي. اسلام جي قانون موجب وقت جي خليفي کي غنيمت جي مال سان گڏ هڪ شيءِ چوندي ڪٿ جو اختيار آهي. انهيءَ کي عربيءَ ۾ "اصطفاء" چوندا آهن. ام المؤمنين صفيہ کي ۽ رسول کريم اهڙيءَ طرح چونڊيو هو ۽ پوء آزاد ڪري ساڻس شادي ڪئي هئائون. (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

برهمڻ ۽ ملڪ جي امينن کي مقرر ڪرڻ.

پوءِ محمد بن قاسم انهن مان هرهڪ تي، سندس درجي ۽ لياقت موجب دل مقرر ڪئي. قلعي جي چٽني درن سان هرهڪ دروازي تي فوج مقرر ڪري، انهيءَ جي جوابداري انهن ماڻهن جي انتظام ۾ ڏني، ۽ رضامندي جي خلعت، سنجيل گهوڙن سميت (عطا ڪري) هندستان جا شاهاڻا زيور سندن هٿن، ۽ پيرن ۾ وڌائين؛ ۽ هرهڪ لاءِ محفل جي منڊ ۾ ويهڻ جي جاءِ مقرر ڪيائين.

ڪاريگرن، واپارين ۽ ڪڙمين کي لکڻ.

پوءِ سوداگرن، ڪاريگرن ۽ ڪڙمين جو (تعداد) لکيائون. عام ماڻهو ڳڻپ ۾ جملي ڏهه هزار ٿيا. پوءِ محمد بن قاسم جي فرمائڻ تي هرهڪ تي (فقط) هارهن درهم تور چاندي مقرر ڪيائون، چاڪاڻ تہ سندن مال لڻجي وبو هو.

مقرر دل جي وصول ڪرڻ لاءِ نائب مقرر ڪرڻ.

پوءِ وڏهرن ۽ رئيسن کي مقرر دل جي وصول ڪرڻ تي مقرر فرمايائين، جيئن هرهڪ شهر ۽ واهڻ سان سال وصول ڪندا رهن، ۽ کين [پنهنجي حڪومت جي] تائيد ۽ طاقت هجي [۲۰۹].

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

برهمڻ جو عرض ڪرڻ.

برهمڻ هيءَ حقيقت ڏسي عرض ڪيو ۽ شهر جي مڪيم ۽ چونڊ ماڻهن سندن حال بابت شاهدي ڏني تہ اهي برابر رسوخ وارا هئا.

برهمڻ لاءِ حڪم.

ٻوءِ محمد بن قاسم برهمڻ کي عزت ڏني، ۽ سندن اڳر ۽ رسوخ (قائم رکڻ) لاءِ پروانو جاري ڪيائين. هر حالت ۾ ڪين (ڪنهن بہ قسم جي) روڪ ٽوڪ نہ هوندي هئي. ۽ انهن سان هڪ ڪي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم تي ڇڏيائين، ۽ سچ پچ معلوم ٿيس تہ انهن کان خيانت ڪڏهن بہ نہ ٿيندي.

ڪمن تي مقرر ڪرڻ.

ٻوءِ راجا چچ جي دستور موجب جنهن هڪ برهمڻ کي ڪنهن نہ ڪنهن ڪم تي مقرر ڪيو هو. هڪ تي ڪونہ ڪو ڪم مقرر ڪري، حڪم ڪيائين جنهن تي سيني برهمڻ کي آڻي حاضر ڪيائون. (ٻوءِ) چيائين: "ڏاهر توهان کي وڏن ڪمن تي مقرر ڪيو هو، تنهنڪري توهان شهر ۽ آسپاس جا واقف هوندا. جنهن بہ مشهور معروف ماڻهوءِ کي تربيت ۽ نوازش جو لائق سمجهو تہ اسان کي ڄاڻ ڪريو، جيئن سندس حق ۾ مهرباني ڪئي وڃي، ۽ کيس وڏي انعام سان سرفراز ڪيو وڃي. جنهن صورت ۾ توهان جي ايمانداري

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

۽ سچائي تي اسان کي پورو اعتماد ۽ پروسو آهي، تنهنکري توهان پنهنجن ڪمن تي بحال آهيو. ملڪ جو سارو ڪاروبار توهان جي معاملي فهميءَ تي ڇڏيو ويندو، ۽ هي ڪم توهان جي اولاد ۽ پيڙهين جي حوالي ڪيو وڃي ٿو، ۽ ڪڏهن به نه ڦرندو.

برهمڻن جو زور وڌي واهڻن ۾ وڃڻ.

پوءِ برهمڻ ۽ ڪامورا ملڪ ۾ گهڙي پيا ۽ وڃي چيائون: "اي ڏسٽا وائسٽا ۽ مشهور (ماڻهؤ)! توهان کي معلوم آهي ته ڏاهر مارجي ويو ۽ ڪافرن جو ڪم پورو [۲۱۰] ۽ ختم ٿيو؛ هند ۽ سنڌ جي چئني طرفن ۾ عربن جو حڪم جاري ٿيو. جنهنکري ملڪ جا نندا خواهه وڏا هڪجهڙا ٿيا. اسان جا ڪم ڪار، عزت واري بادشاهه [محمد بن قاسم] جي طرف کان سمجهڻ گهرجن. اسان کي توهان ڏانهن موڪليو ائٽن ۽ چگن وعدن سان اميدوار ڪيو ائٽن. جيڪڏهن عربن جو حڪم نه مڃيندا سون ته نه مال رهندو، ۽ نه گذران جو ذريعو. اسان پاڻ، (انهن) سردارن جي مهرباني ۽ احسان ڏانهن نيازمند ٿي پيا آهيون. ۽ ممڪن آهي ته (انهيءَ ڪري) اسان جو درجو وڌو ٿي سگهي. في الحال پنهنجي وطن کان ٽڙي برباد نه ٿيون. جيڪڏهن هيءَ دل جيڪا توهان تي رکي ائٽن برداشت نه ٿي سگهندي ۽ انهيءَ جي ادا ڪرڻ ۾ گران باري سمجهندؤ، ته پوءِ فرصت وقت هند ۽ سنڌ جي ڪنهن ٻيءَ زمين ڏانهن، جتي توهان جي دلين کي اطمينان مڃي،

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

هليا وڃجوء، ڇاڪاڻ تہ آدمزاد واسطي جان جي سلامتي کان بهتر ٻي ڪابہ شيء ڪانهي. اسان کي جڏهن هن خطرناڪ مصيبت کان ڇوٽڪارو ملندو ۽ لشکر جي تڪليف کان بيپرواهہ ٿيندا سون، تڏهن اسان جو مال ۽ عيال محفوظ ٿيندو.

واهڻ ۽ شهر تي ڏيل مقرر ڪرڻ.

ٻوءِ سڀني ڪوناڻن ۽ شهربن حاضر ٿي پاڻ تي ڏيل مقرر ڪرائي، ۽ پنهنجي ڏيل جي رقم محمد بن قاسم کان پڇياڻون؛ جن برهمڻن کي امير محمد بن قاسم ڏيل (جي وصوليءَ) تي مقرر ڪيو هو، تن بابت [پڻ پڇياڻون، جنهن تي انهن برهمڻ آفيسرن کي] فرمايائين تہ: "حڪومت ۽ خلق جي وچ ۾ سچائيءَ جو خيال رکجوء؛ جيڪڏهن ڪا شيء ورهايو تہ برابر ورهائجوء؛ هرهڪ تي ڏيل سندس برداشت موجب رکجوء؛ ۽ هڪٻي سان ڪهي هلجوء ۽ پريشان نہ ٿجوء، جيئن ملڪ ويران نہ ٿئي" [٢١١].

محمد بن قاسم جي خلق سان مهرباني ڪرڻ.

ٻوءِ محمد بن قاسم هرهڪ سان خاص مهرباني ڪئي ۽ فرمايائين تہ: "هر طرح دل خوش رکجوء. ڪابہ ڳٻتي نہ ڪريو تہ ڪا توهان تي وٽ پڪڙ ٿيندي. ۽ توهان کان ڪوبہ ڪاغذ يا دستاويز (لکائي) نٿو وٺان. جيڪو حصو اڳيئي مقرر ۽ معلوم آهي سو ادا ڪندا رهجوء. بلڪ توهان تي مهرباني ۽ درگذر واجب سمجهيو ويندو. جنهن

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

کي کا درخواست هجي ته پيش ڪري: اها ٻڌي ويندي ۽ (ان جو) پورو جواب ڏنو ويندو، ۽ ڏهڪ جي مراد پوري ڪئي ويندي."

محمد بن قاسم جو برهمڻاباد وارن کي پروانو ڏيڻ.

هاڻي برهمڻن جي اها رسم جا هلندي ٿي آئي ته جو واپاري، ڪافر ۽ ٽڪر برهمڻن کي خيراتون ڏيندا هٿ، بتن جي پوڄا ۽ خوشيون ڪندا هٿ، ۽ مندر جي پوڄارين کي اهڙو پروانو هو. سا بند ٿي ويئي، ۽ لشڪر جي ڊپ کان اها خيرات ۽ مساني کين دستور موجب نٿي ڏيڻ، جنهنڪري برباد ۽ سڃا ٿي وبا هٿا. سو سيني [برهمڻن، محمد بن قاسم جي] جڳهه جي در تي اچي دعا لاء هٽ ڪيا، ۽ پيغام موڪليائون ته: "شل عادل امير سلامت رهي! اسان راهب آهيون ۽ اسان جو گذران ۽ ترقي بُت (١) جي مجاوريءَ تي آهي. جنهن صورت ۾ واپارين ۽ ڪافرن تي رحمت ڪئي اٿوَ ۽ هو پاڻ تي دل مقرر ڪري ذميّ ٿيا آهن، تنهنڪري (اسان) بندن کي به صاحب جن جي ڪرم ۾ اميد آهي ته انهن کي اشارو فرمائيندا، جيئن هو پنهنجي معبود کي پوڄين ۽ بتخانو (٢) آباد ڪن."

محمد بن قاسم جو جواب ڏيڻ.

محمد بن قاسم جواب ڏنو ته: "ملڪ جو تختگاهه

(١) اصل لفظ: بده (٢) اصل لفظ: خانهء بده

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

اروڙ آهي، ۽ هي سڀ ماڻهو [٢١٢] آسپاس آهن." اتي هندن چيو تہ: "هن ملڪ جي آبادي برهمڻ آهن. اهي اسان جا عالم ۽ حڪيم (داناءُ) آهن. اسان جي شادي خواه غمي جو ڪاروبار سندن وسيلي پورو ٿيندو آهي. اسان دل سان جزيہ انهيءَ ڪري قبول ڪيو آهي تہ هرڪو پنهنجي طريقي جي پيروي ڪري. هيءُ اسان جي بت جو بتخانو (١) ويران ٿي ويو آهي ۽ اسان بُتن (٢) جي خدمت نٿا ڪري سگهون. امير عادل اسان کي اجازت فرمائي تہ اسان (ان کي) آباد ڪري، پنهنجي معبود جي عبادت ۾ مشغول رهون ۽ اسان جي برهمڻن کي (پڻ) اسان مان وڃ معاش ٿي سگهندو."

محمد بن قاسم جو حجاج بن يوسف ڏانهن لکڻ ۽ جواب جو پهچڻ.

پوءِ محمد بن قاسم هيءَ حقيقت حجاج ڏانهن لکي موڪلي ۽ ٿوري وقت کان پوءِ جواب پهتو تہ: "سوٽ محمد بن قاسم جو پيارو خط پهتو. جيڪي احوال لکيا هئائين سي معلوم ٿيا: جن مان هڪ هيءُ بہ هو تہ برهمڻاباد جا مکيہ ماڻهو (٣) بتخاني جي آبادي (٣) ۽ پنهنجي مذهب لاءِ عرض ڪري رهيا آهن. جنهن صورت ۾ (اسان جي) فرمانبرداريءَ جي سلسلي ۾ داخل ٿي، دارالخلافت جي دل

(١) اصل لفظ: بتخانہ بده (٢) اصل لفظ: اصنام (٣) - (٣) اصل الفاظ: عمارت بده.

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

پنهنجي مٿان مقرر ڪياڻون، تنهن صورت ۾ دل کان وڌيڪ [اسان جو] هنن تي ڪوبہ حق ۽ واسطو نہ آهي؛ چاڪاڻ تہ جڏهن زمي ٽي چڪا، تڏهن سندن مال يا خون ۾ اسان جي دست اندازي مطلقاً نہ ٿيندي. کين پنهنجي معبود جي عبادت ڪرڻ جي اجازت ڏني وڃي. توهان کنهن بہ ماڻهوءَ کي پنهنجي طريقي کان روڪ ٽوڪ نہ ڪندا، جيئن هو پنهنجن گهرن ۾ پنهنجي مرضي موجب زندگي گذاريندا رهن."

حجاج جو ليکيو پهچڻ.

حجاج جي ليکڻي پهچڻ وقت، محمد بن قاسم شهر کان ٻاهر نڪري منزل ڪئي هئي. پوءِ وڏيرن، اڳواڻن ۽ برهمڻن کي اجازت ڏنائين تہ: "بيشڪ پنهنجي معبود [۲۱۳] کي آباد ڪريو. مسلمانن سان ڏيتي ليتي ڪريو. اطمينان سان پنهنجي سڌاري جي ڪوشش ڪريو. برهمڻ فقيرن جي احسان ۽ سنيال سان تيمارداري ڪريو. پنهنجون عيدون، رسمون پنهنجن ابن ڏاڏن جي دستور موجب بجا آڻيندا رهو. هن کان اڳ برهمڻن کي جيڪي خيراتون ڏيندا هئا، سي پراڻي دستور موجب ڏيندا رهو (۱). سؤ درهمن اصل سال مان ڏي درهم [ڪڍي ان مان] جيڪو انهن (برهمڻن) جو حق هجي، سو انهن کي پهچائجي (۱): باقي خزاني لاءِ،

(۱)-(۱) اصل فارسي عبارت هن طرح آهي ۽ ان ۾ البت مونجهارو آهي: "و از صد درم سه درم سنگ بر اصل سال بنگرند که چند واجب باشد بديشان رسانند" (مترجم)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

خزانيوارن جي قلم ۽ نائبن جي سامهون حفاظت ۾ رهي، ۽ آفيسرن ۽ ڪم وارن لاءِ پگهارون مقرر ڪيون وڃن." انهن شرطن تي تميم بن زيد القينيّ (١) ۽ حڪم بن عوانة ڪلبيءَ کي وچ ۾ آندائون، ۽ برهمڻ لاءِ فيصلو ٿيو تہ نامي جي ٽالهي هٿ ۾ ڪئي، گهرن جي دروازن تي گدائي لاءِ وڃي اناج وغيره جيڪي به ملي سگهين سو حاصل ڪن، جيئن تباهہ نہ ٿين ۽ [هاڻي] هيءَ رسم ڪافرن ۾ مروج ٿي ويئي آهي.

محمد بن قاسم جو برهمڻاباد وارن کي امانَ ۽ پروانو ڏيڻ.

هاڻي محمد بن قاسم برهمڻاباد جي پسگردائي کان فارغ ٿيو، ۽ ماڻهن جي جيڪا درخواست هئي سا پوري ڪيائين. عراق ۽ شام جي يهودين، نصارن، گبرن ۽ مجوسين جي نموني تي هرهڪ کي پنهنجي طور طريقي تي رهڻ لاءِ اجازت ڏيئي واپس ڪيائين، ۽ انهن جي اڳواڻن کي "راڻا" جو خطاب ڏنائين.

محمد بن قاسم جو سياکر وزير کي سڏڻ.

پوءِ سياکر وزير ۽ سوکي [پٽ] وسايي کي سڏي پڇيائين: "لوهاڻي جي جٽن جو ڪاروبار، ڇڇ ۽ ڏاهر

(١) اصل ۾ جملي نسخن ۾ هيءَ نسبة "القيسي" جاڻايل آهي جا صحيح نہ آهي؛ ڪيل ترجمو لاءِ ڏسو آخر ۾ حاشيہ ص [١٧٨]. (ن-ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

سان ڪيئن هو؟ ۽ سندن معاملو ڪهڙي دستور ٿي هليو؟"

(سياڪر جو جواب:) وزير، موڪي [پٺ] وڃايي جي روبرو چيو: "راجا چچ جي حڪومت ۾ (١) لوهاڻي يعني لاڪه ۽ سمه [واري ابراضي جي جتن] کي (١) نرم ڪپڙن پهرڻ [٢١٤] ۽ مخمل مٿي تي ڪرڻ جي اجازت نه هوندي هئي. بلڪ هيٺ مٿي ڪاري گودڙي پهريندا هئا، ڪهري چادر ڪلهن تي وجهندا هئا، ۽ مٿو ۽ پير اگهاڙا رکندا هئا. جيڪو به نرم ڪپڙو پهريندو هو، تہ انهيءَ تي ڏنڊ رکيو ويندو هو؛ گهر کان باهر نڪرڻ وقت ڪتو پاڻ سان کڻندا هئا؛ جنهنڪري سندن سڃاڻپ ظاهر ٿيندي هئي. سندن ڪنهن به وڏيري کي گهوڙي تي چڙهڻ جي اجازت نه هئي. جتي به بادشاهن کي پهراڙيءَ ۾ سونهڙهي جي ضرورت ٿيندي هئي تہ اهي رستو ڏيکاريندا هئا. وستن جي سونهپ سندن نظرداريءَ هيٺ هوندي هئي، ۽ [ويندڙ کي] هڪڙي قبيلي کان ٻئي قبيلي تائين پهچائيندا هئا. انهيءَ قوم جو

---

(١)- (١) اصل عبارت " لوهانه يعني لاڪه و سمه را " جنهن جي شروع ۾ لفظ " جتان " غلطيءَ سبب حذف ٿيل آهي. صحيح عبارت " جتانِ لوهاڻ يعني لاڪه و سمه را " ٿيندي: چو تہ محمد بن قاسم لوهاڻي جي جتن بابت پڇيو آهي ۽ هيٺ سياڪر وزير جو بيان به جتن سان لاڳو آهي ۽ نہ لاڪن ۽ سمن سان. سندس اهو بيان تقريباً ساڳيو آهي جو مٿي ص [٤٧] تي "لوهاڻي" جي جتن بابت چچ جي پالیسي طور بيان ٿيل آهي. هت "لوهاڻو" هڪ علائقي جو نالو آهي جو لاڪه، سمه، عسهته قومن جي ابراضين تي مشتمل هو. مٿي ڏسو [٤٠]. (ن.ب)

More Books Visit : iqbalkalmati.blogspot.com

ڪوبہ اڳواڻ يا راڻو گھوڙي تي ويھندو ھو تہ [سندس گھوڙو] ھني، لغام ۽ ٽختي ڪانسواء ھوندو ھو ۽ گھوڙي جي پٺيءَ تي رلي وجھي چڙھندو ھو. رستي ۾ ڪنھن کي ڪو حادثو پيش ايندو ھو تہ انھن جي قبيلن ڪان بازپرس ڪندا ھٿ، جو اھا سندن وڏيرن جي جوابداري ھوندي ھئي: حتيڪ جيڪڏھن منجھائن ڪو چور ٿيندو ھو تہ انھيءَ کي عيال، اطفال سميت باھر جو ڪاڄ ڪندا ھٿ. قافلا رات ڏينھن سندن رھبري ھيٺ ھلندا ھٿ. انھن ۾ نندي وڏي (جو نسرق) ڪونہ ھوندو آھي. ھو وحشي طبعيت جا آھن ۽ حاڪم جي فرمانبرداريءَ کان ھميشہ سرڪشي ڪندا ۽ رستا ڦرندا رھندا آھن. ديبل ۾ پڻ اتي جي ماڻھن سان ڦرلٽ ۾ ھمراھ ھوندا آھن. بورچيخاني جون ڪائيون، خدمت جو سمر، ۽ بادشاھ جي نگراني سندن ذمي ھئي."

(روايت) انھيءَ تي محمد بن قاسم چيو تہ: "ڪھڙا نہ برا ماڻھو آھن! اھڙا جھڙا فارس ۽ ڪوہ پايہ ۾ جھنگلي ماڻھو ھوندا آھن: سندن ڪم بہ اھوئي آھي." محمد بن قاسم ھنن کي انھيءَ دستور ۽ طريقي سان ہڏل رکيو، جھڙيءَ طرح اميرالمؤمنين عمر بن الخطاب [۲۱۵] رضي‌الله عنه شام جي رھاکن تي مقرر ڪيو ھو تہ جيڪو مھمان ايندو، تنھن کي ھڪ ڏينھن ۽ رات مانسي ڪرائيندا، ۽ جيڪڏھن بيمار ٿي پوندو تہ ٽي ڏينھن مھماني ڪندا.